Trōcaire

SIDA

LHDP

The Voice of Disaster Prone Communities

Member of Indus Consortium

Sindh Water Management Ordinance 2002

# سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002

## سنڌي ترجمو



لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (ايل ايچ ڊي پي)
سهڪار : سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)
تعاون: ٽروڪيئر

## لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (ايل ايچ ڊي پي)

غير منافع بخش، غير سرڪاري، انساني ترقي جو رجسٽرڊ ادارو آهي. جيڪو اپريل 2006ع ۾ ٺهيو حڪومت پاڪستان جي سوسائٽي ايڪٽ 1860 موجب 1 جولائي 2006 ۾ رجسٽرڊ ٿيو.

قدرتي آفتن جي نقصانن کي گهٽ ۽ روڪٿام لاءِ رٿابندي ڪرڻ ، آفتن دوران متاثرن جي سهائتا ڪرڻ ۽ اهڙن منصوبن تي عمل درآمد لاءِ ڳوٺاڻي سطح تي موجود امڪاني خطري جي زد ۾ انساني آبادي کي جاڳرتا ۽ فني صلاحيتون ڏيڻ کان علاوه انهن کي متحد ڪرڻ ،پائيدارترقي جي جاکوڙ ڪرڻ جي صلاحيت کي اجاگر ڪرڻ،موسمي تبديلين جي پيش نظر پائيدار روزگار، خوراڪ جي تحفظ ۽ قدرتي وسيلن جي بهتر انتظام ڪاري لاءِ جامع منصوبابندي ڪرڻ ۽ بنيادي انساني حقن جي حاصلات لاءِ لاڳاپيل ڌرين سان گڏجي پاڪستان خاص طور سنڌ صوبي ۾ پاڻ پتوڙي رهيو آهي ته جيئن آفتن جي زد ۾ ايندڙ علائقن جي آبادي کي مناسب ترقي جي راه ڏانهن گامزن ڪري سگهجي.

ايڊريس: گهرنمبر 91/92سامهون سادات ڪالوني، ويجهو سيشن ڪورٽ
علي ٽائون بدين سنڌ فون نمبر 0297870682
website: www.lhdp.org.pk email: info@lhdp-pakistan.org

Sindh Water Management Ordinance 2002

# سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002

## سنڌي ترجمو

لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام (ايل ايڇ ڊي پي)

سهڪار : سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)

تعاون: ٽروڪيئر

ايڊريس: لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊولپمينٽ پروگرام

هائوس نمبر 92/91 علي ٽائون بدين سنڌ

فون : 870682 0297- اي ميل info@lhdp-pakistan.org – ويب سائيٽ : www.lhdp.org.pk



## پيش لفظ

سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس جو هي سنڌي ڇاپو اوهان جي هٿن تائين پهچائيندي آءٌ يقينن سرهائي محسوس ڪري رهيو آهيان. انتهائي محنت، ڌيان ۽ قانوني شقن جي اهميت کي سمجهندي انهن جو سليس سنڌي ۾ توجمو ڪرڻ تي آءٌ لاڙ هيومنٽيرين اينڊ ڊوپلمينٽ پروگرام کي جس تو ڏيان. سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس جو هي ڇاپو جتي ريگيوليٽري اٿارٽي، سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊس کي پنهنجي قانوني دائرن ۽ اختيارن جي وضاحت ڪري ٿو اتي ئي آبادگار تنظيمن جي اختيارن ۽ طريقيڪار جي بہ ڀرپور وضاحت ڪري ٿو ۽ اهو تمام گهڻو ضروري آهي تہ اسان جا دوست هن آرڊيننس جي رهنمائي هيٺ قانوني دائرن ۾ رهندي پنهنجي ڪمن ۽ ڪارڪردگي کي اجان وڌيڪ فعال ۽ سگهارو بڻائيندا.

مونکي اميد آهي تہ سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس جو هي ڇاپو ريگيوليٽري اٿارٽي، سيڊا، ايريا واٽر بورڊس ۽ آبادگار تنظيمن لاءِ انتهائي ڪارائتو ثابت ٿيندو ۽ انهن کي پنهنجي ڪم ڪرڻ جي طريقيڪار ۾ موثر رهنمائي ڪندو. آءٌ هڪ دفعو ٻيهر ايل ايڇ ڊي پي جي ڪم جي ساراهہ ڪندي اها اميد ٿو ڪريان تہ هو سيڊا، ايريا واٽر بورڊس ۽ آبادگار تنظيمن سان تعاون ۾ رهندي آبادگارن جي تعليمي صلاحيتن جي فروغ لاءِ پنهنجو موثر ڪردار ادا ڪندي رهندي.

مهرباني

**محمد نواز چانڊيو**

# وضاحت

پاڻيءَ وارو قانون: سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس ـ 2002ع جو هيءُ دستاويز سنڌيءَ ۾ انهيءَ مقصد کي اڳيان رکي ڇپايو ويو آهي، ته جيئن سيڊا سان لاڳاپيل آبادگار ۽ آبادگار تنظيمون هن جي روشنيءَ ۾ پاڻيءَ واري قانون کان واقفيت حاصل ڪري سگهن، ۽ اهڙيءَ طرح پنهنجين ذميوارين ۽ فرضن ۽ ٻين ادارتي ۽ قانوني گهرجن کان واقف ٿي، پنهنجي ڪم جي رفتار تيز ۽ ڪارڪردگي بهتر بڻائي سگهن.

هيءَ ڳالهه پوريءَ طرح واضح ڪجي ٿي ته ڪنهن به عدالتي معاملي يا سيڊا ۽ ان ادارن جي وچ ۾ ڪنهن به قسم جي معاملي يا تڪرار لاءِ هيءُ ترجمو ڪيل دستاويز استعمال جوڳو نه هوندو، ۽ اهڙي ڪنهن به عمل کي غير مؤثر ۽ غيرمستند قرار ڏنو ويندو. واضح ٿو ڪجي ته سرڪاري لک پڙهه لاءِ حوالي طور اصلوڪي قانون واري ڪاتي پاران جاري ڪيل انگريزيءَ وارو دستاويز استعمال ڪيو وڃي.

**ادارو**





# فهرست

باب - I

## ابتدائي

### 1. مختصر عنوان ۽ ابتدا

i. هيءُ آرڊيننس سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس ـ 2002ع) سڏيو وڃي

ii. هيءُ پنهنجي جاري ٿيڻ واري تاريخ کان ترت عمل هيٺ ايندو

باب -II

## ابتداءَ

### 2.وصفون

### سنڌ ايگريشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)


3. سيڊا جو قيام
4. سيڊا جي قانوني حيثيت
5. سيڊا جي جوڙجڪ
6. برطرفي
7. اندروني برطرفي
8. چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري جا شرط
9. سيڊا جون گڏجاڻيون
10. سيڊا جون ذميواريون
11. سيڊا جا اهم ڪم
12. انتظامي بورڊ
13. پاڻيءَ منظور ڪندڙ ڪميٽي

14. صلاحڪار ڪميٽي
15. ايريا واٽر بورڊن (AWBs) کي ڪم حوالي ڪرڻ
16. عملو
17. محدود ذميواري
18. سيڊا جي اڪائونٽ جا ڪتاب
19. ماليات
20. ڪاروباري رٿا ۽ مالي معاملن جي نگراني
21. ڪاروباري رٿا جي تعميل
22. ساليانا اڪائونٽ ۽ پوتاميل
23. آڊيٽر: تعليمي لياقت، مقرري، معاوضو ۽ برطرفي
24. سرڪاري گوشوارا
25. سيڊا جو ايريا واٽر بورڊن سان سهڪاري ڪردار
26. قدرتي آفتن جي صورت ۾ سيڊا طرفان تعاون
27. سيڊا جو غير فعال ٿيڻ

باب -III

## ايريا واٽر بورڊ

28. قيام
29. ايريا واٽر بورڊ جي قانوني حيثيت
30. ايريا واٽر بورڊ جي جوڙجڪ
31. چونڊ
32. ايريا واٽر بورڊ جون ذميواريون
33. ايريا واٽر بورڊ جا خاص ڪم
34. انتظامي بورڊ
35. پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي
36. راجوٽي صلاحڪار ڪميٽيون
37. پاڻيء فراهمي جي توسيع نه ڪرڻ بابت ايريا واٽر بورڊ جا فرض





38. زهريلي يا نقصانڪار پاڻيء بابت ايريا واٽر بورڊ جو اختيار
39. ايريا واٽر بورڊ سان لاڳو قانون

باب -IV

## آبادگار تنظيمون

40. آبادگار تنظيم جي قانوني حيثيت
41. داخلا
42. آبادگار تنظيم جي ميمبرسازي
43. جنرل باڊي
44. جنرل باڊيء جون گڏجاڻيون
45. آبادگار تنظيم جون ذميواريون
46. آبادگار تنظيم جا خاص ڪم
47. انتظامي بورڊ
48. جنرل باڊي طرفان برطرف ڪرڻ
49. انتظامي بورڊ طرفان برطرف ڪرڻ
50. انتظامي بورڊ جون گڏجاڻيون
51. پاڻي منظور ڪندر ڪميٽيون
52. راجوٽي صلاحڪار ڪميٽيون
53. آبادگار تنظيم جو ختم ٿيڻ
54. آبادگار تنظيم سان لاڳو ٻيا قانون

باب -V

## واٽرڪورس تنظيمون

(واٽر ڪورس ايسوسيئشنز)

55. جوڙجڪ
56. داخلا

57. تنظيم
58. چيئرمين ۽ ميمبرن جي ملازمت جا شرط
59. واٽر ڪورس تنظيم جا ڪم
60. واٽر ڪورس تنظيم جو ختم ٿيڻ

باب -VI

## (پاڻيءَ جي نيڪال مان فائدو پرائيندڙ تنظيمون (ڊي بي جي)

61. جوڙجڪ
62. داخلا
63. تنظيم
64. چيئرمين ۽ ميمبرن جي ملازمت جا شرط شروط
65. پاڻيءَ نيڪال مان فائدو وٺندڙ تنظيم جا ڪم.

باب -VII

## آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ کان بچاءَ واري نگران اختياري

67. قيام
68. قانوني حيثيت
69. نامزد ڪيل پئنل جي جوڙجڪ
70. ريگيوليٽري اٿارٽي جي جوڙجڪ
71. برطرفي
72. اندروني برطرفي
73. چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري جا شرط
74. نگران اختياريءَ جون ذميواريون
75. نگران اختياريءَ جا خاص ڪم
76. انتظامي بورڊ
77. محصولن جو اختيار
78. خشڪ سالي بابت اختيار





79. ڪارو يا سم جو پاڻي ۽ پاڻيءَ جي بچا ۽ غلط استعمال بابت اختيار
80. قانون لاڳو ڪرڻ جا اختيار.
81. قانون تي عمل ڪرڻ جا اختيار
82. اپيل
83. ٽربيونل
84. نگران اختياريءَ جي حڪمن جو لاڳو ٿيڻ
85. صارفين جون مددگار ڪميٽيون
86. نگران اختياريءَ جي سرڪاري مُهر
87. چيئرمين ۽ ميمبرن جو معاوضو
88. فنڊ
89. ڪاروباري رٿا ۽ مالي نگراني
90. ڪاروباري رٿا جي تعميل
91. ساليانو اڪائونٽ ۽ پوتاميل
92. آڊيٽر: تعليمي لياقت، مقرري، معاوضو ۽ برطرفي
93. سالياني رپورٽ
94. نگران اٿارٽيءَ تي ٻين شقن جو لاڳو ٿيڻ

باب -VIII

## منتقلي

95. ملڪيتن جي وارثي، اثاثا، ذميواريون ۽ عملو
96. انتظامي منتقلي
97. بئراجن ۽ ٻين اثاثن جي منتقلي
98. ايريا واٽر بورڊ نهڻ تائين ساڳيو نظام
99. آبادگار تنظيم نهڻ تائين ساڳيو نظام
100. نگران اختياريءَ طور سيدا جو عارضي ڪردار
101. منتقليءَ بابت وقت جو وڇور

باب -IX

## كائونسلون

102. كائونسلن جا اختيار ۽ فرض

باب -X

## ڏوھ ۽ ڏنڊ

103. ڏوھ ۽ ڏنڊ

باب -XI

## متفرقه

104. قاعدا
105. اختيارن جي منتقلي
106. هن آرڊيننس هيٺ عملدارن ۽ ادارن جي عملي جي حيثيت
107. تكرار ۽ كوتاهيون
108. قانوني حدبندي
109. كارروائين جي جائز حيثيت
110. سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج ائكٽ 1997ع جو رد ٿيڻ





# پاڻيءَ جو قانون

(سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس ـ 2002ع)

(سن 2002ع جو سنڌ آرڊيننس نمبر: 40)

## كراچي: 26 آكٽوبر 2002ع

نوٽيفكيشن نمبر S.legis:1 (40)/2002 سنڌ جي گورنر طرفان جوڙيل هينيون آرڊيننس، عام معلومات لاءِ شايع كيو وڃي ٿو:-

## سنڌ صوبي ۾ پاڻيءَ جي انتظام هلائڻ لاءِ جاري كيل آرڊيننس

اهو مناسب سمجهيو ويو آهي ته آبپاشيءَ جو پاڻي فراهم كرڻ ۽ ان جي ورڇ كرڻ، پاڻيءَ كي نيكال كرڻ ۽ ٻوڏ كان بچاءَ لاءِ ڊگهي مدت وارو ۽ عوامي شراكت جي بنياد تي هلڻ جوڳو سركاري نظام قائم كيو وڃي. جيكو شفاف، ڀچاٽي لائق، كارگر، قابل قبول ۽ معياري هجڻ سان گڏ پاڻيءَ جو واهپو كندڙن لاءِ قابل قبول به هجي ۽ ان سان لاڳاپيل ڳالهين توڙي ان جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ مامرن كي سلجهائي به سگهي.

۽ جيئن ته صوبائي اسيمبلي، 14 آكٽوبر 1999ع جي اعلان ۽ عبوري آئين جي آرڊر نمبر 1، سال 1999ع جي پوئيواريءَ ۾ معطل قرار ڏني وئي آهي.

۽ گورنر سمجهي ٿو ته اهڙيون حالتون موجود آهن، جن جي تقاضا موجب فوري قدم كڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان كري هاڻي مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ عبوري آئيني حكم ۽ عبوري آئين جي ترميمي آرڊر نمبر 9، سال 1999ع جي پوئيواريءَ ۾ ۽ ان سلسلي ۾ مليل اختيارين جي روشنيءَ ۾ جيكي گورنر كي اهڙي حكم جي اهل بڻائين ٿيون، سنڌ جو گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي جاري كري ٿو.

باب ۔ 1

# ابتداءَ

**1۔ مختصر عنوان ۽ شروعات:**

(1) هن آرڊيننس کي "سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس ۔ 2002ع" چيو ويندو

(2) هيءُ قانون فوري طور لاڳو ٿيندو.

**2 ۔ وصفون:**

هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪنهن بہ موضوع ۽ مواد يا عبارت ۾ ڪا ڳالهہ اڻ نهڪندڙ هجي؛

(a) "آبيانو" معنيٰ آبپاشيءَ جي پاڻي پهچائڻ ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جو محصول (سروس چارج) جيڪو آبادگار تنظيم لاڳو ڪندي، پر جتي اها تنظيم نہ هوندي، اتي ايريا واٽر بورڊ يا وري سيڊا لاڳو ڪندي.

(b) "اي ڊبليو بي" معنيٰ ايريا واٽر بورڊ جيڪو هن آرڊيننس هيٺ قائم ٿيل هجي.

(c) "سي اي سي" معنيٰ ڪا بہ راجوٽي صلاحڪاري ڪاميٽي جيڪا هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل هجي.

(d) "ڪئنال" معنيٰ ماڻهن جو پنهنجو کوٽي ڪڍيل وهڪرو يا هٿرادو نموني بهتر شاخ جيڪا آبپاشي ۽ ڪنهن ٻئي پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ استعمال ٿيندي هجي.

(e) "ڪائونسل" معنيٰ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001ع هيٺ بيان ٿيل ڪائونسل.

(f) "ڊبليو بي جي" معنيٰ هن آرڊيننس هيٺ قائم پاڻيءَ جي نيڪالي مان فائدو وٺندڙ گروهہ (ڊرينيج بينيفشري گروپ).





(g) "ڊسٽرڪٽ" معنيٰ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001ع هيٺ ڄاڻايل "ضلعو"

(h) "ڊرين" معنيٰ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ سرڪاري يا قدرتي نالي (وهڪري) يا مٿاڇري وارو يا زير زمين پاڻيءَ جي نيڪال جو بندوبست، جنهن ذريعي زير زمين مٺو يا ڪلرانو پاڻي، مٿاڇري جو پاڻي ۽ زرعي زمين، آباد يا غير آباد يا پاڻيءَ هيٺ آيل زمين مان واڌو پاڻي خارج ڪجي.

(i) "ايف او" معنيٰ (آبادگار تنظيم)، جيڪا هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل هجي.

(j) "حڪومت" معنيٰ سنڌ حڪومت.

(k) "مئنيجنگ ڊائريڪٽر" معنيٰ سيڊا جو مئنيجنگ ڊائريڪٽر.

(l) "ريگيوليشن اينڊ رولس" معنيٰ هن آرڊيننس هيٺ تيار ڪيل قاعدا ۽ قانون.

(m) "ريگيوليٽري اٿارٽي" معنيٰ هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ کان بچاءَ جي نگران اختياري.

(n) "سيڊا" معنيٰ هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل "سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي".

(o) "سمال فارمر" معنيٰ سورنهن ايڪڙن کان گهٽ زمين جو مالڪ يا رجسٽر ٿيل مقاطعيدار. (ننڍو آبادگار)

(p) "ٽيل اينڊ" (Tail End) معنيٰ ايريا واٽر بورڊ جي واهہ، ڪنهن ڊسٽريبيوٽري يا شاخ (آبادگار تنظيم جي حوالي سان اهو حصو جيڪو ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي شروعاتي حد کان سندس ڊيگهہ جي 70 سيڪڙو مفاصلي تي هجي. (پوڇڙي جو آبادگار)

(q) ٽربيونل معنيٰ هن آرڊيننس هيٺ جڙيل ٽربيونل

(r) ”واٽر“ معنيٰ اهو پاڻي جيڪو صوبي ۾ ڪنهن به هنڌ تي زمين جي مٿاڇري تي بيٺل يا وهندڙ آهي يا زمين اندر موجود آهي.

(s) ”ڊبليو اي سي“ (WAC) معنيٰ هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي.

(t) ”واٽر ڪورس“ (Watercourse) معنيٰ اهو هٽرادو واهه يا نالي جيڪا زرعي زمينن کي پاڻي جي سڌي طرح فراهميءَ لاءِ استعمال ڪجي. اهو پاڻيءَ عام طور ڪنهن شاخ يا ڊسٽريبيوٽري مان نڪري ٿو پر مُک شاخ يا ڪئنال مان به سڌيءَ طرح نڪري سگهي ٿو.

(u) ”ڊبليو سي اي“ (WCA) معنيٰ واٽر ڪورس تنظيم (واٽر ڪورس ايسوسيئيشن جيڪا هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل هجي.

(v) ”واٽر يوزر“ (Water User) معنيٰ اهو شخص جنهن کي واهه يا ڪئنال مان پنهنجي مالڪيءَ يا قبضي واري زرعي زمين لاءِ آبپاشيءَ جي پاڻيءَ جي سهوليت مليل هجي، ۽ هڪ کان وڌيڪ ماڻهو جن جو زمين تي گڏيل مالڪي يا قبضو هجي، انهن مان ڪو هڪڙو شخص، جنهن کي اختيار هجي ته هو ٻين پاران ڪو به عمل ڪري سگهي.

(w) ”ضلعو“ (Zila) معنيٰ سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001ع ۾ واضح ڪيل ضلعو.





باب - 2

# سيڊا

## (سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي)

3 - **سيڊا جو قيام:**

هن آرڊيننس جي شروع ٿيڻ کان پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، سيڊا نالي هڪ خودمختيار ادارو قائم ڪيو ويندو. پر موجوده سيڊا هن آرڊيننس جي شروع ٿيڻ کان اڳ تائين ڪم جاري رکندي، جيستائين هن آرڊيننس هيٺ سيڊا جي ٻيهر جوڙجڪ ٿئي.

4 - **سيڊا جي قانوني حيثيت:**

1. **سيڊا:-**

(a) باڊي ڪارپوريٽ (ڪاروباري بنيادن تي گڏيل تنظيم) هوندي، جنهن کي دائمي وارثي جو حق هوندو. عام مُهر رکندي ۽ ساڳئي نالي سان پاڻ به دعويٰ ڪري سگهندي ۽ مٿس پڻ دعويٰ ٿي سگهندي.

(b) مقاطعو ڪرڻ، وٺڻ، رکڻ ۽ ملڪيت جي نيڪال ڪرڻ جو اختيار رکندي. اها سرڪاري زمين رکي نه سگهندي ۽ نه وڪرو ڪري سگهندي، پر اها ملڪيت سرڪاري ملڪيت تسليم ڪئي ويندي.

(c) پنهنجن معاملن لاءِ فيصلن ڪرڻ ۾ خودمختيار هوندي.

2. سيڊا جي حد، پاڻيءَ جي حدن تائين هوندي، حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي واضح طور ان جو خاڪو جاري ڪندي.

3. سيڊا جي رجسٽر ٿيل آفيس حيدرآباد ۾ هوندي.

5 ـ **سيڊا جي جوڙجڪ:**

1. سيڊا هيٺين تي مشتمل هوندي:

(i) **سرڪار طرفان نامزد ڪيل ميمبر:**

(a) چيئرمين: سرڪار طرفان مقرر ڪيل ڪوبہ شخص.

(b) ميمبر: آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جو تجربو رکندڙ هڪ خودمختيار ماهر.

(c) ميمبر: هڪ برک زرعي ماهر جيڪو ترجيحي طور سنڌ ۾ ڪم ڪندڙ ايوانِ زراعت جو ميمبر هجي.

(d) ميمبر: ماحوليات جو پسمنظر رکندڙ هڪ خودمختيار ماهر.

(e) ميمبر: سماجي معاملن جو پسمنظر رکندڙ هڪ ماهر.

(ii) **چونڊيل ميمبر:**

(f) گڏو بئراج جي حد ۾ پاڻيءَ استعمال ڪندڙ آبادگار تنظيمن مان هڪ ميمبر چونڊيو ويندو.

(g) ڪوٽڙي بئراج جي حد مان پاڻيءَ استعمال ڪندڙ آبادگار تنظيمن مان هڪ ميمبر چونڊيو ويندو.

(h) سکر بئراج جي حد مان پاڻي استعمال ڪندڙ آبادگار تنظيمن مان ٽي ميمبر چونڊيا ويندا. هڪ ميمبر ننڍو آبادگار هوندو ۽ هڪ ميمبر پڇڙيءَ واريءَ آبادگار تنظيم مان چونڊيو ويندو. جيڪا ايريا واٽر بورڊ جي ڪمانڊ ايريا جي پڇڙيءَجي حد ۾ هوندي.

(iii) **سرڪاري عهدا رکندڙ ميمبر**(Ex_Officio):

(i) ميمبر: ايڊيشنل چيف سيڪريٽري (ڊولپمينٽ، رٿابندي ۽ ترقيءَ وارو کاتو.

(j) ميمبر: سيڪريٽري آبپاشي ۽ بجليءَ وارو کاتو

(k) ميمبر: سيڪريٽري ناڻي وارو کاتو.





(l) ميمبر: نيشنل ڊرينيج پروگرام جو سنڌ جو نمائندو (ڪوآرڊينيٽر).

(m) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ـ صلاحڪار ميمبر ۽ سيڪريٽري.

رد ڪيل ائڪٽ هيٺ مقرر ڪيل آبادگار تنظيمن جا چيئرمين ۽ نمائنده (عيوضي) تيسيتائين پنهنجو ڪم جاري رکندا، جيسيتائين نئون چيئرمين مقرر ڪيو وڃي ۽ هن آرڊيننس هيٺ چونڊيل ميمبر ڪنيا ويندا.

2. چونڊ، سيڊا جي ٺهيل قاعدن مطابق ڪئي ويندي.

3. جيڪڏهن ڪو ميمبر ٻاهرئين ملڪ ويل آهي تہ اُن جي جاءِ تي اُن جي غير حاضريءَ دوران ڪو ٻيو ماڻهو اُن بدران مقرر ڪري سگهجي ٿو، بشرطيڪ، اهڙي انتظام جو اطلاع هن جي روانگيءَ کان پوءِ ٿيندڙ گڏجاڻيءَ کان هڪ هفتو اڳ چيئرمين کي ڏنو وڃي.

4. ڪو ميمبر پنهنجي ميمبرشپ تان سندس هٿ اکرن سان صحيح ڪيل لکت ۾ استعيفيٰ ڏيئي سگهي ٿو.

5. جيئن ئي سرڪار سندس جاءِ تي نئون ميمبر مقرر ڪندي تہ هن جي استعيفيٰ منظور سمجهي ويندي.

6. ڪوبہ شخص جيڪو پاڻيءَ جي چوريءَ جي سزا ڪاٽل هوندو سو چيئرمين يا ميمبر چونڊيو، نامزد يا مقرر نہ ڪيو ويندو. جيسيتائين سندس سزا جي تاريخ پوري ٿيڻ کان پوءِ ڇهن مهينن جو مدو نہ گذري ويو هجي.

7. جيڪڏهن چيئرمين يا ڪو ميمبر پنهنجي مقرري، چونڊ يا نامزدگيءَ کان پوءِ پاڻيءَ جي چوريءَ ۾ سزا ڪائي ٿو تہ هن کي سندس عهدي تان هٽايو ويندو.

8. چيئرمين يا ميمبر ڪوبہ سياسي عهدو رکي نہ سگهندو. جيڪڏهن چيئرمين يا ميمبر، ڪنهن بہ سياسي عهدي لاءِ چونڊبيو، نامزد يامقرر ڪيو ويو تہ هو فوري طور چيئرمين يا ميمبر نہ رهندو.

9. چيئرمين ۽ ميمبر ڪنهن بہ اي ڊبليو بي (AWB) جو عهدو نہ رکي سگهندا.

**6 ـ برطرفي**:

سرڪار نوٽيفڪيشن ذريعي غير سرڪاري چيئرمين ۽ غير سرڪاري ميمبر کان سواءِ باقي چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي، جيڪڏهن هو: ـ

(a) هن آرڊيننس هيٺ ذميواريون نڀائڻ جو اهل نہ آهي، يا

(b) قرض کان آجو ٿيل ناهي ۽، يا

(c) ملازمت لاءِ نااهل آهي يا سرڪاري ملازمت مان برطرف ٿيل آهي يا اخلاقي ڏوهہ ۾ سزا ڪاٽل آهي، يا

(d) معزز عدالت طرفان اڻ سالم دماغ وارو ماڻهو تسليم ڪيل آهي، يا

(e) ڄاڻي ٻجهي، سڌي يا اڻ سڌيءَ طرح، سيڊا يا ان بدران ڪنهن ٻئي هٿان ڪنهن نيڪي يا ملازمت يا ڪنهن زمين يا جائداد ۾ حڪومت جي لکت ۾ ورتل اجازت کان سواءِ ڪو سنڌس حصو پتي آهي يا رکيو وينو آهي. اهو ڄاڻندي تہ سيڊا جي هلڻ ڪري هو ان مان لاڀ حاصل ڪندو يا ڪري چڪو آهي، يا

(f) هن جو عهدي تي رهڻ عوامي مفاد خلاف آهي. بهرحال واسطيدار شخص کي ٻڌڻ جو موقفعو ڏيڻ کان سواءِ هن فقري هيٺ مٿس قدم نہ کنيو ويندو.





**7 ـ اندروني برطرفي**:

(1) سيڊا، حڪومت کي چيئرمين يا ميمبر هٽائڻ لاءِ سفارش ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن سوچ ويچار کان پوءِ اها هن نتيجي تي پهچي ٿي تہ اهو شخص فقري 6 جي مد ۾ اچي سگهي ٿو يا سندس ذميوارين جي روشنيءَ ۾ اُن ماڻهوءَ سني نظام هلائڻ وارو موقعو وڃائي ڇڏيو آهي يا ڄاڻايل خدمت سرانجام ڏئي نہ سگهيو آهي.

(2) ڪنهن کي برطرف ڪرڻ لاءِ سيڊا طرفان ناهيل قانون مطابق سب سيڪشن (1) هيٺ هڪ ميمبر رٽ پيش ڪندو ۽ ٻيو ان جي حمايت ڪندو.

(3) سفارش ووٽن جي اڪثريت سان منظور ڪئي ويندي. ووٽ ڳجهي طرح ڏنو ويندو.

بهرحال واسطيدار شخص کي صفائي پيش ڪرڻ يا موقعي ڏيڻ کان سواءِ هن سيڪشن هيٺ اُن خلاف قدم نہ کنيو ويندو.

**8 ـ چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري جا شرط**:

(1) چيئرمين ۽ ميمبر، حڪومت طرفان طئي ڪيل شرطن ۽ ضابطن تي سيڊا ۾ مقرر ڪيا ويندا.

(2) چيئرمين ۽ ميمبرن جو پهريون مدو بہ سال هوندو ۽ ان بعد مدو چار سال هوندو.

(3) چيئرمين ۽ نامزد ميمبر ٻن لاڳيتن مدن لاءِ مقرر ٿي سگهندا.

**9 ـ سيڊا جون گڏجاڻيون**:

(1) چيئرمين جي سڏ تي سيڊا جي گهٽ ۾ گهٽ هڪ گڏجاڻي هر ٻئي مهيني ٿيندي.

(2) ميمبرن کي گڏجاڻيءَ جو اطلاع گڏجاڻيءَ کان گهٽ ۾ گهٽ هڪ هفتو اڳ ڏنو ويندو.

(3) اطلاع سان گڏ گڏجاڻيءَ جي تاريخ، وقت ۽ هنڌ جاڻايل هوندو ۽ لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ ايجنڊا شامل هوندي ۽ اهي اسم (ايجنڊائون) جن تي بحث ڪري فيصلو ٿيندو، سي جاڻايل هوندا.

(4) جيڪڏهن چيئرمين سب سيڪشن (1) يا (2) مطابق گڏجاڻي ڪوٺائڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو ته سيڪريٽري بنا ڪنهن دير جي گڏجاڻي ڪوٺائي سگهي ٿو.

(5) سب سيڪشن (1) جي باوجود چيئرمين هنگامي گڏجاڻي سڏائي سگهندو. جيڪڏهن ڇهه يا ان کان مٿي ميمبر ڪيس لکت ۾ اهڙي گذارش ڪن تا. گڏجاڻي اهڙي گذارش جي وصول ٿيڻ کان 15 ڏينهن اندر گهٽ ۾ گهٽ 7 ڏينهن اڳواٽ اطلاع ڏيڻ کان پوءِ ڪوٺائي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن چيئرمين اهڙي گڏجاڻي ڪوٺائڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو ته پوءِ سب ـ سيڪشن (4) لاڳو ٿيندو.

(6) گڏجاڻيءَ ۾ ڪورم (ميمبرن جي حاضري) ان جي ميمبرن جي اڌ جيتري هوندي، بشرطيڪ گڏجاڻيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه چونڊيل ميمبر حاضر هجن.

(7) جيڪڏهن گڏجاڻيءَ ۾ ڪورم پورو نه آهي، ته چيئرمين گڏجاڻي ملتوي ڪري سگهي ٿو ۽ گڏجاڻي ملتوي ٿيڻ جي ٻن هفتن اندر هُو سب سيڪشن (2) ۽ (3) مطابق نئين گڏجاڻي ڪوٺائيندو.

(8) نئين گڏجاڻيءَ ۾ ڪورم پورو نه هئڻ باوجود فيصلا ڪيا ويندا.

(9) جيڪڏهن چيئرمين سب سيڪشن (7) هيٺ گڏجاڻي ڪوٺائڻ ۾ ناڪام وڃي ٿو ته پوءِ سب سيڪشن (4) لاڳو ٿيندو.

(10) چيئرمين يا سندس غير حاضريءَ ۾ موجود ميمبرن طرفان ڳجهي چونڊ ذريعي چونڊيل ڪو ٻه ميمبر اهڙي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(11) گڏجاڻيءَ ۾ فيصلو، هٿ مٿي ڪٽي سادي اڪثريت سان ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن ڪو هڪ ميمبر، ڳجهي چونڊ ذريعي ووٽنگ لاءِ





گذارش ڪري يا جيڪڏهن ڪي اسم (ايجنڊائون) ڪنهن شخص جي نالي سان بحث ۾ آهن ته ان لاءِ ووٽ ڪيو ويندو ۽ ووٽنگ ڳجهي چونڊ ذريعي ٿيندي.

(12) ووٽن ڪي برابر هجڻ جي صورت ۾ چيئرمين يا صدارت ڪندڙ ميمبر ڪي حتمي ووٽ جو حق هوندو.

(13) هر هڪ گڏجاڻيءَ جي ڪارروائي لکي ويندي، جنهن ۾ حاضر ميمبر ۽ غير حاضر ميمبر، بحث هيٺ اسم (ايجنڊائون)، فيصلا يڪراءِ يا اڪثريت ذريعي يا ٻي صورت ۾ ڪيل آهن، سي جاڻايا ويندا.

(14) اها لکيل ڪارروائي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ منظور ڪئي ويندي ۽ ان تي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ ۽ سيڪريٽريءَ طرفان صحيح ڪئي ويندي.

(15) گڏجاڻيءَ ۾ ميمبر ۽ ايريا واٽر بورڊ (AWB) جو هڪ نمائندو مبصر جي حيثيت ۾شريڪ ٿي سگهي ٿو. مبصر گڏجاڻيءَ ۾ نه ڳالهائيندو ۽ نه مداخلت ڪندو. ٻي صورت ۾ هن کي گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندڙ ٻاهر ڪڍي سگهي ٿو.

(16) چيئرمين ۽ ميمبر، سواءِ غير سرڪاري چيئرمين ۽ ميمبر جي، گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت لاءِ سيڊا طرفان طئي ڪيل الائونس وصول ڪري سگهندا.

(17) سيڊا عام طرح يا خاص حڪم ذريعي هڪ ميمبر، مئنيجنگ ڊائريڪٽر، انتظامي بورڊ يا سيڊا جي ڪنهن آفيسر کي هن آرڊيننس هيٺ ڪيس مليل ڪجهه مشروط ۽ محدود اختيار ڏئي سگهي ٿي.

10 ـ **سيڊا جا ڪم**:

سيڊا جا ڪم هيٺينءَ ريت هوندا:

(a) ڪيس حوالي ڪيل آبپاشي نظام جي حصن جهڙوڪ: بئراجن ۽ واهن کي هلائڻ ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ.

(b) سم جي پاڻيءَ جي مُک نالن ۽ ايريا واٽر بورڊ جي نالن سميت پاڻيءَ جي نيڪال جي نظام جي مختلف حصن کي هلائڻ ۽ انهن جي سار سنڀال لهڻ.

(c) سنڌ صوبي ۾ درياهي ٻوڏ کان بچاءُ جو انتظام ڪرڻ ۽ بندن وغيره جي سار سنڀال لهڻ.

(d) ڪنهن حڪمت عملي يا عملي رٿابندي وصيلي سيڊا جي ڪارڪردگي تي نظر رکڻ. پاڻيءَ جي سموري انتظامي نظام يعني آبپاشي يا پاڻيءَ جي نيڪال جي اڳهن، سوڪهڙي کان بچاءَ ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ جي اٿل بابت حڪومت کي مشورو ڏيڻ.

(e) ايريا واٽر بورڊن (AWBs) ۽ آبادگار تنظيمن (FOs) جي قيام جي ستن کان ڏهن سالن جي مدي اندر سندن جوڙجڪ، واڌ ۽ ترقيءَ کي زور وٺرائڻ، انهن کي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۽ مالي طور پاڻيرو رکڻ لاءِ عبوري انتظام ڪرڻ.

(f) هن آرڊيننس هيٺ ڪيس سونپيل ڪو ٻيو ڪم ڪرڻ.

**11 - سيڊا جا خاص ڪم:**

پنهنجو ڪردار ۽ ڪارڪردگي ظاهر ڪرڻ لاءِ سيڊا کي هينيان ڪم ڪرڻا پوندا.

**حڪمت عملي:**

(a) آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال، پاڻيءَ جي مجموعي نظام هلائڻ، ٻوڏ کان بچاءَ، سامونڊي پاڻيءَ کان بچاءَ، سوڪهڙي مهل پاڻيءَ جي ورهاست، ڊنڍن ڊورن جي منڊ ۽ پڇڙيءَ واري پاڻيءَ جي انتظام بابت رٿائن ۽ مقصدن جي جوڙجڪ ڪرڻ، انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ پاليسيون جوڙڻ، ترجيحي رٿابندي ڪرڻ ۽ ٻين اهڙن ڪمن لاءِ مرحليوار بنياد تي حڪمت عملي وآضح ڪرڻ ۽ رپورٽون تيار ڪرڻ.





(b) ساليانيِ ڪاروباري رٿا جوڙڻ ۽ ايندڙ پنجن سالن لاءِ پنهنجين سرگرمين لاءِ تجويزون تيار ڪرڻ.

**ڪم ۽ سنڀال:**

(c) انڊس رور سسٽم اٿارٽي (ارسا) سان طئہ ڪيل ڳالهين جي روشنيءَ ۾ صوبي اندر بئراجن جو آبپاشي پاڻي يا صوبي کان ٻاهر واهن مان پاڻي وصول ڪرڻ ۽ مختلف ايريا واٽر بورڊن (AWBs)، آبادگار تنظيمن (FOs) يا جيئن بہ ضرورت هجي، ٻين زرعي زمينن، مقامي ڪائونسلن، صنعتن يا ڊنڍن ڊورن کي طئي ڪيل مقدار ۾ پاڻي ڏيڻ ۽ سامونڊي پاڻيءَ جي چاڙهه کان بچاءَ لاءِ ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ گهٽ ۾ گهٽ پاڻي ڇوڙ ڪرڻ ۽ طئي ٿيل ڳالهين، شرطن ۽ ضابطن تحت مخصوص هنڌن تي سم جي پاڻيءَ جي رسد وصول ڪري ۽ ان کي سمنڊ جي حوالي ڪرڻ.

(d) سيڊا جي حدن اندر واقع آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ جي بچاءَ جي نظام جي سار سنڀال ڪرڻ.

(e) سيڊا طرفان جيئن مقرر ڪيو وڃي، تيئن اي ڊبليو بيز ۽ ايف اوز جي حدن وارن علائقن کان ٻاهر آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال جي سروس فيِ، اڳهن يا سيس اوڳاڙڻ ۽ اهڙن اڳهن ۽ سيس کي دير سان ادا ڪرڻ تي اضافي محصول حاصل ڪرڻ.

(f) مقرر شرطن پٽاندڙ هن آرڊيننس هيٺ سيڊا جون رهتون وصول ڪرڻ ۽ سنڌ لئنڊ روينيوا ئڪٽ 1967ع مطابق بقايائون وصول ڪرڻ.

**سيڙپ وارا منصوبا ۽ رٿائون:**

(g) دلچسپي رکندڙ مختلف ڌرين جي مشوري سان آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام جي واڌاري، پاڻي گڏ ڪرڻ وارن منصوبن ۽ ٻوڏ کان بچاءَ واري نظام ۽ زرعي زمينن جي ترقياتي ڪمن کي سڌارڻ لاءِ رٿابندي ڪرڻ، ڊزائين ڪرڻ ۽ تعميراتي ڪم ڪرڻ.

(h) حدخلين جي 1975ع واري قانون (سنڌ پبلڪ پراپرٽي رموول آف اينڪروچمينٽس ائڪٽ 1975ع) مطابق سيڊا جي ملڪيتن تي حدخلين کي هٽائڻ ۽ انهن کي روڪڻ لاءِ جيئن ضروري هجي سمورا قدم کڻڻ.

(i) ڪارائتي نموني، قابليت سان ۽ ڪاروباري طريقي سان سيڊا جي گودامن، مشينري ۽ اوزارن جي سنڀال ڪرڻ ۽ سامان جي خريد ۽ وڪري مان لاڀ حاصل ڪرڻ.

**تحقيق ۽ ترقي:**

(j) سيڊا جي ڪمن ۽ ذميوارين سان لاڳاپيل منصوبن جهڙوڪ: مجموعي طور پاڻيءَ جو نظام هلائڻ، سم ۽ ڪلر کي ضابطي ۾ آڻڻ، سامونڊي پاڻيءَ جي چاڙهه کي روڪڻ ۽ سوڪهڙي دوران پاڻيءَ جي ورهاست (ورڇ) جهڙن معاملن بابت لکڻ، پاليسين، اڀياسن ۽ تحقيقي پروگرامن تي عمل ڪرائڻ.

(k) نگران اختياريءَ طرفان سونپيل مجموعي نظام ۾ نئين سر پيدا ٿيندڙ مسئلن جي کوجنا ڪرڻ ۽ انهن جي حل ۽ /يا انهن جي واڌاري لاءِ تجويزون تيار ڪرڻ.

(l) سيڊا جي ڪم ۽ پاليسين جي اثر هيٺ قدرتي ماحول ۽ جيوت جو اڀياس ڪرڻ ۽ پاڻيءَ وارن علائقن جو بچاءُ ڪرڻ ۽ اهڙن ڪمن ۽ پاليسين جي خراب اثرن کي گهٽائڻ لاءِ مختلف حل تلاش ڪرڻ ۽ بهتر حل کي مستقبل لاءِ استعمال ڪرڻ.

(m) پاڻيءَ جي مجموعي نظام ۾ گهربل اپائن کي منظم ڪرڻ، مثال طور زمين جي مٿاڇري واري پاڻيءَ جي ماپ ڪرڻ، زير زمين پاڻيءَ جو جائزو وٺڻ، ان جو معيار ڏسڻ، ان سان لاڳاپيل انگ اکر جمع ڪرڻ، ٻوڏ کان بچاءُ ڪرڻ ۽ ان سلسلي ۾ ٻين صوبن اندر لاڳاپيل اختيارين سان مستقل طور رابطا قائم ڪرڻ.





**معلومات عام ڪرڻ:**

(n) سيڊا جي ڪم بابت گهربل نموني، طريقي ۽ وقت تي، جيئن اها چاهي، نگران اختياريءَ کي مفت معلومات فراهم ڪرڻ.

(o) پاڻيءَ جي اصولي ۽ اصلي ورهاست جي رٿابنديءَ کي شايع ڪري پڌرو ڪرڻ، پاڻيءَ جي حقيقي ۽ اصولي ورڇ وچ ۾ ڀيٽ ڪرڻ ۽ اهو يقين ڪرڻ تہ اهڙي معلومات مناسب وقت تي سولائيءَ سان مهيا ڪئي ويندي.

(p) نگران اختياريءَ جي ڪم، واڌاري، پاليسين، طريقيڪار ۽ ماڻهن بابت ٻي ڪا معلومات جيڪا نگران اختياري جيئن ۽ جهڙي طرح چپائڻ گهري، ان کي چپائڻ.

(q) اهڙي اضافي معلومات گڏ ڪري ڇپائڻ جيڪا سيڊا سان دلچسپي رکندڙ ڌرين ۽ عام ماڻهن جي معلومات لاءِ ضروري سمجهي وڃي.

(r) جيڪڏهن سمجهيو وڃي تہ سيڊا جي اختياريءَ هيٺ وهندڙ پاڻي نقصان يا هاڃيڪار آهي تہ اهڙي صورتحال ۾ ٻوڏ جو اڳواٽ اطلاع ڏيڻ ۽ متاثر ٿي سگهندڙ سمورين ڌرين کي وقت سِر اطلاع ڏيڻ.

**انتظاميا** (Administration)

(s) هن آرڊيننس مطابق مؤثر ڪارڪردگيءَ لاءِ، جيئن ضروري سمجهيو وڃي، رڪارڊ، رجسٽر ۽ انگ اکر گڏ ڪري رکڻ.

(t) دستوري ڪاروباري عمل مطابق سمورن ڪاروباري معاملن کي قابليت سان منظم ڪرڻ.

**ٻيا ڪم:**

(u) سيڊا جي عمل واري دائري اندر ڪن ٻين ڪمن کي سرانجام ڏيڻ، جيڪي هن آرڊيننس جي مجموعي مقصد جي پوئيواري ڪن ٿا.

12 ـ **انتظامي بورڊ**:

(1) سيڊا جي مجموعي ضابطي ۽ رهنمائيءَ هيٺ سيڊا جا معاملا هڪ انتظامي بورڊ سنڀاليندو، ان مان مراد آهي تہ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل مئنيجرن جو اهڙو انگ جيڪو سيڊا جي چئن ميمبرن تي مشتمل ڪميٽيءَ جي مشوري سان مقرر ڪيل هجي، بشرطيڪ انهن مان هڪ ميمبر چونڊيل هجي.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل مئنيجرن وٽ اهڙيون لياقتون، فني پسمنظر ۽ عملي تجربو هوندو، جيڪو سيڊا طرفان طئي ڪيل هوندو.

(3) مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل مئنيجرَ، اهڙن شرطن تي مقرر ڪيا ويندا، جيڪي سيڊا طرفان طئي ٿيل هوندا.

(4) انتظامي بورڊ، عام يا خاص حڪم ذريعي، مئنيجنگ ڊائريڪٽر کي يا بورڊ جي ڪنهن بہ ميمبر کي يا سيڊا جي ڪنهن بہ آفيسر کي، هن آرڊيننس تحت ڪي بہ اختيار سونپي سگهي ٿو، جن جا ضابطا ۽ حدون سيڊا طئي ڪندي.

13 ـ **پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽي**:

(1) سيڊا، هر هڪ بئراج تي هڪ پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽي (WAC) مقرر ڪندي ۽ ان کي هلائيندي.

(2) پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽي (WAC) هيٺين ماڻهن تي مشتمل هوندي:

(a) مئنيجنگ ڊائريڪٽر يا هن طرفان نامزد ڪيل ڪوبہ شخص.

(b) بئراج تي ڪم ڪندڙ سينيئر انجنيئر.

(c) هر هڪ بئراج تان پاڻي کڻندڙ ايريا واٽر بورڊ (AWB) جو ڊائريڪٽر يا اُن طرفان مقرر ڪيل ڪوبہ شخص.

(d) هر ايريا واٽر بورڊ مان بہ چونڊيل آبادگارن جا نمائندا، جن مان هڪ ايريا واٽر بورڊ جي پڇڙيءَ جو آبادگار هوندو ۽ ٻيو ننڍو آبادگار هوندو.





(e) هر ايريا واٽر بورڊ جي حدن ۾ وڌ کان وڌ ايراضيءَ واري ضلعي جو نمائندو مقرر ٿيندو، ان شرط سان تہ هڪ ضلعي کي نمائندگي رڳو هڪ پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ ۾ ڏني ويندي.

(3) پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي اڻ ڌرين ماهرن سان سهڪار ڪري انهن مان صلاحڪار ميمبر کڻندي جن کي ووٽ جو حق نہ هوندو.

(4) اهو شخص جنهن کي پاڻيءَ جي چوريءَ ۾ سزا مليل آهي، سو پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽيءَ (WAC) تي نامزد يا مقرر نہ ڪيو ويندو، جيستائين سندس سزا جي تاريخ پوري ٿيڻ کان پوءِ ڇهن مهينن جو مدو پورو نہ ٿيو آهي.

(5) جيڪڏهن پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽيءَ (WAC) جو هڪ ميمبر پنهنجي چونڊ، نامزدگي يا مقرريءَ بعد پاڻيءَ جي چوريءَ جي سزا ماڻي ٿو، تہ اُن کي سندس عهدي تان هٽايو ويندو.

(6) بئراج سطح تي پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽيءَ (WAC) جا هيٺيان ڪم هوندا:

(a) قومي سطح تي پاڻيءَ جي ورهاست کي نظر ۾ رکندي، مختلف واهن لاءِ پاڻيءَ جو حق طئي ڪرڻ لاءِ معروضي ۽ سلسليوار بنياد فراهم ڪرڻ، ان سلسلي ۾ سوڪهڙي دوران پاڻيءَ جي حق ۽ ورڇ تي خاص توجهہ ڏنو ويندو.

(b) 1991ع واري پاڻيءَ جي ٺاهہ جي روشنيءَ ۾ مهيا ٿيندڙ عام رواجي پاڻيءَ واري مقدار جي بنياد تي ۽ حقيقي انگن اکرن تي ٻڌل سچي معلومات جي بنياد تي، جنهن ۾ ڪمانڊ ايريا اندر استعمال هيٺ زمين، پاڻيءَ جو غير زرعي واهپو ڪندڙ ڌريون ۽ پاڻيءَ جا ٻيا ذريعا شامل هوندا (پر ان تائين محدود نہ هوندا) تي هفتيوار وارابنديءَ سان ايريا واٽر بورڊن لاءِ پاڻيءَ جو حصو طئي ڪيو ويندو (جنهن ۾ بئراجن جو پاڻي کڻندڙ بہ شامل هوندا) ۽ پاڻيءَ جا اهڙا حق سيڊا وٽ داخل ڪيا

ويندا يا جيڪڏهن ضروري سمجهيو ويو ته نگران اختياريءَ وٽ انهن حقن جي داخلا ڪئي ويندي.

(c) هنن حقن جي رجسٽر جي لڳاتار چڪاس ڪرڻ (گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو هر موسم ۾) ۽ اهو يقين ڪرڻ ته هيءُ حق صحيح طور ۽ وقتائتي ۽ ترتيبوار طريقي سان نئين سر سڌاريا ويندا آهن.

(d) پاڻيءَ جي طئي ٿيل حقن مطابق مختلف واهن لاءِ هر (موسم) ۾ پاڻيءَ جي تعين جي رٿابندي ڪرڻ (يا وهڪرو طئي ڪرڻ) پاڻيءَ جي موسم دوران دستياب پاڻيءَ جي اڳڪٿي ڪرڻ ۽ جيڪڏهن ضروري هجي ته هفتيوار وقفن لاءِ هر واٽر بورڊ کي پاڻي پهچائڻ تي خاص توجهه ڏيڻ.

(e) اڳڪٿيءَ واري مقدار کان پاڻي مختلف هئڻ جي صورت ۾ حقيقي پاڻيءَ جي دستيابيءَ مطابق پاڻيءَ جي ورهاست ڪرڻ.

(f) اهو يقين ڪرڻ ته پاڻيءَ جي وهڪري جون ماپون صحيح نموني (فني طور ۽ سچائيءَ سان) صحيح هنڌن ۽ مناسب وقفن تي ڪيون پيون وڃن.

(g) رٿابندي ڪيل پاڻيءَ جي وهڪري جي حقيقي وهڪري سان ڀيٽ ڪرڻ ۽ فرق جي وضاحت ڪرڻ.

(h) پاڻيءَ جي ورهاست واري رٿابندي ۽ ان ۾ ايندڙ ڦيرڦار بابت ايريا واٽر بورڊن (AWBs) ۽ عام ماڻهن کي مختلف سُڌ سماءَ جي ذريعن جي مدد سان پهچ جوڳو بڻائڻ، هيءُ ڪم مستقل بنيادن تي ڪيو وڃي ۽ ڪنهن وقفي کي هڪ مهيني کان مٿي نه وڌايو وڃي.

(i) بئراج سطح تي پاڻيءَ جي نظام واري ڍانچي کي تعميراتي ڪم سان سڌارڻ ته جيئن پاڻيءَ جي ورهاست گهربل طريقي سان ڪري سگهجي.





(j) مختلف ذرين جي گڏيل پليٽ فارم طور ڪم ڪندي، پاڻيءَ جي فراهميءَ لاءِ بحث مباحثو ڪرڻ.

- بئراج سطح تي پاڻيءَ بابت شڪايتون وصول ڪرڻ ۽ انهن جو اپياس ڪرڻ.
- جيڪڏهن ضروري هجي ته گڏجاڻيون ڪوٺائڻ.

بئراج سطح تي دلچسپي رکندڙ ذرين جي راين کي پڙرو ڪرڻ.

- جيڪڏهن ضرورت هجي ته پاڻيءَ جي تعين يا حقن ۾ تبديلين لاءِ گڏيل ڳالهيون ڪرڻ.

(k) جيڪڏهن ضروري هجي ته ترجيحن ۾ تبديلين بابت ڳالهيون ڪرڻ يا پاڻي استعمال ڪندڙ نون ماڻهن کي ان ۾ شامل ڪرڻ.

(l) سمورن شايع ڪيل اعلانن سان گڏ هڪ سالياني رپورٽ شايع ڪرڻ، ڪوٺايل گڏجاڻين بابت معلومات ڏيڻ ۽ ڪيل مُک فيصلن تي روشني وجهڻ ۽ مناسب پاڻي مهيا ڪرڻ ۽ سڌاريل طريقيڪار جي سچائيءَ بابت تجويزون مهيا ڪرڻ.

(7) جيڪڏهن پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي جا فيصلا پاڻي ناهه سان نه ٿا ٿهڪن، ته پوءِ حڪومت اهڙن فيصلن تي نظرثاني ڪري سگهي ٿي ۽ سيڊا کي حڪم ڪري سگهي ٿي ته اها نظرثاني ڪيل فيصلن تي عمل ڪري ۽ انهن تي عملدرآمد ڪرائڻ جي نظرداري ڪري.

## 14 ـ <u>عوامي صلاحڪار ڪميٽي</u>:

(1) اختيار هيٺ ايندڙ ايراضي جي مقامي ماڻهن سان لهه وچڙ رکڻ جي مقصد سان سيڊا عوامي صلاحڪار ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي.

(2) **<u>عوامي صلاحڪار ڪميٽي هيٺين ماڻهن تي ٻڌل هوندي</u>:**

(a) سيڊا جا ٻه نمائندا.

(b) هر ايريا بورڊ ۽ آبادگار تنظيم جا چار نمائندا، جن جي حد (ڪمانڊ ايريا) ۾ ڪو مامرو پيدا ٿيو آهي، انهن مان هر ايريا

بورڊ جا ٻہ نمائندا پڇڙيءَ جا آبادگار هوندا ۽ هر آبادگار تنظيم جا ٻہ نمائندا پڇڙيءَ جا آبادگار هوندا، پر اهي پنهنجي آبادگار تنظيم جي جنرل باڊيءَ جا مميبر نہ هوندا.

(c) عوامي صلاحڪار ڪميٽي ڪيترن خودمختيار ۽ مختلف ماهرن کي دعوت ڏئي، انهن کي صلاحڪار ميمبر بڻائي، انهن کان مختلف معاملن تي صلاح وٺي سگهي ٿي.

(3) ڪوبہ ماڻهو جيڪي پاڻيءَ جي چوري واري ڏوهہ ۾ سزا ڪاڻل آهي، سو مقامي صلاحڪار ڪميٽيءَ جو چونڊيل ثاقيل يا مقرر ڪيل ميمبر نہ ٿو ٿي سگهي. جيستائين ڪيس مليل سزا پوري ٿيڻ واري تاريخ کان ڇهن مهينن جو مدو پورو نہ ٿيو آهي.

(4) جيڪڏهن عوامي صلاحڪار ڪميٽيءَ جي ڪنهن ميمبر جي چونڊ، نامزدگي يا مقرريءَ کان پوءِ ڪيس پاڻيءَ جي چوريءَ ۾ سزا ٿي ملي تہ هن کي عهدي تان هٽايو ويندو.

(5) عوامي صلاحڪار ڪميٽي هر معاملي تي مناسب وقت اندر مشورو ڏيندي، جيڪو سيڊا ان ڏانهن موڪليندي ۽ پنهنجي طور تي بہ اها ڪنهن معاملي تي صلاح ڏيئي سگهي ٿي.

(6) جيڪڏهن ڪنهن معاملي تي عوامي صلاحڪار ڪميٽي متفق ناهي تہ اها پنهنجي مشوري دوران مختلف راين جو ذڪر ڪندي ۽ ٻڌائيندي تہ انهن راين جي ڪنهن حمايت ڪئي.

(7) مشوري ملڻ جي هڪ مهيني اندر سيڊا پنهنجي فيصلي کان عوامي صلاحڪار ڪميٽيءَ کي آگاهہ ڪندي.

15۔ **<u>ايريا واٽر بورڊن کي سونپيل ڪم</u>**:

سيڊا، گڏيل رضامنديءَ وارن شرطن جي بنياد تي ايريا واٽر بورڊن کي ڪي بہ ڪم سونپي سگهي ٿي.





طئي آهي تہ ڪوبہ ڪم يا ذميواري گهربل فنڊن ۽ ذريعن بنا منتقل نہ ڪيءَ ويندو.

16 ۔ **<u>عملو</u>**:

(1) هن آرڊيننس جي مقصد جي حاصلات لاءِ سيڊا وقت بہ وقت، آفيسر، عملو، ماهر، صلاحڪار ۽ ٻيا ملازم مقرر ڪري سگهي ٿي. ان ڏس ۾ لياقت، تجربو ۽ اصول ضابطا سيڊا طئي ڪري سگهي ٿي.

(2) آبپاشي ۽ بجليءَ واري کاتي مان سيڊا ڏانهن بدلي ڪيل عملو انهن شرطن تي نوڪري ڪندو جيڪي سيڊا طئي ڪندي بشرطيڪ اهي شرط سيڊا ڏانهن بدلي ٿيڻ وقت وارن شرطن کان گهٽ فائديمند نہ هجن.

(3) آبپاشي ۽ بجليءَ واري کاتي مان بدلي ٿيل عملي تي سول سروس اسڪيم وارا قانون لاڳو ٿيندا، جيستائين عملو پاڻ ائين نہ چاهي.

(4) مئنيجنگ ڊائريڪٽر، سيڊا جي جوڙيل قاعدن موجب سموري سيڊا عملي کي هلائڻ جو ذميوار هوندو.

(5) سيڊا جي جوڙيل قاعدن مطابق سيڊا جو عملو معطل ٿيڻ، ترقي وٺڻ، هيٺئين عهدي تي مقرر ٿيڻ، برطرف ٿيڻ، نوڪري وڃائڻ يا سزا جي صورت ۾ اپيل جو حق رکندو.

17۔ **<u>محدود قانوني جوابداري</u>**:

سيڊا کان قرض ورتل ماڻهن جي سلسلي ۾ حڪومت جي قانوني جوابداري حڪومت پاران ڏنل امداد تائين محدود هوندي ۽ انهيءَ قرض تائين هوندي جيڪو حڪومت جي اجازت سان سيڊا جاري ڪندي.

18 ـ **سيڊا جا اڪائونٽ وارا ڪتاب**:

(1) سيڊا، سنڌس رجسٽريشن ٿيل آفيس ۾ هيٺئين حوالي سان مڪمل اڪائونٽ جا ڪتاب صحيح نموني رکندي.

(a) سيڊا طرفان وصول ٿيل ۽ خرچ ڪيل پيسن جون اهي سموريون رقمون ۽ معاملا جن جي سلسلي ۾ وصوليون ۽ خرچ ٿيا هجن.

(b) شين جا سمورا وڪرا ۽ خريداري ۽ سيڊا طرفان ڪيل خدمتون.

(c) سيڊا جا سمورا اثاثا.

(d) سيڊا جون سموريون ذميواريون.

2. اڪائونٽ جا ڪتاب ڪاروباري وقت دوران سيڊا جي چيئرمين ۽ ميمبرن طرفان چڪاس لاءِ کليل رهندا.

3. سيڊا متعلق اڪائونٽ جا ڪتاب سني ترتيب ۾ رکيا ويندا ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه سالن جي مدي لاءِ محفوظ ڪيا ويندا.

4. ڪنهن خاص مالي معاملي تي جنرل مئنيجر (فنانس) ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر وچ ۾ اختلاف هوندو ته جنرل مئنيجر (فنانس) سيڊا کي پنهنجا رايا پيش ڪرڻ جو حق رکندو. جنهن جو فيصلو آخري ۽ سمورن واسطيدارن تي لاڳو رهندو.

19 ـ **ماليات**:

(1) سيڊا جي هٿ ۾ سيڊا فنڊ طور ڄاڻايل هڪ فنڊ هوندو.

2. سيڊا فنڊ هيٺين ڳالهين تي مشتمل هوندو: ـ

(a) پاڻيءَ جو محصول، وڪري جون رقمون ۽ پاڻيءَ جي نيڪال جو محصول.

”سيس“ جي سلسلي ۾ سيڊا طرفان وصول ٿيل سموريون رقمون.

(b) حڪومت طرفان ڏنل مالي امداد.

(c) حڪومت کان حاصل ڪيل قرض





(d) حڪومت جي مرضيءَ مطابق ڪائونسلن طرفان ڪيل امداد.

(e) بانڊن جي وڪري جون رقمون يا حڪومت جي اختياريءَ هيٺ جاري ڪيل ڪوبه ٻيو قرض.

(f) حڪومت جي منظوريءَ سان سيڊا طرفان حاصل ڪيل قرض.

(g) حڪومت جي منظوريءَ سان حاصل ڪيل پرڏيهي قرض ۽ مالي امداد، اهڙن شرطن ۽ ضابطن تي حاصل ڪيل، جن جي منظوري حڪومت وفاقي حڪومت جي صلاح مشوري سان ڏني هجي

(h) سيڊا طرفان وصول ٿيڻ جوڳيون سموريون ٻيون رقمون.

3. سيڊا، فنڊ جي انتظام لاءِ قانون جوڙيندي.

20 ـ **ڪاروباري رٿا ۽ مالياتي نگراني**:

(1) هر مالي سال جي فيبروريءَ تائين، سيڊا ايندڙ پنجن مالي سالن لاءِ ڪاروباري رٿا تيار ڪندي ۽ رٿا جو پهريون سال، ايندڙ مالي سال جي بجيٽ هوندو.

2. ڪاروباري رٿا هڪ عملي رٿا هوندي، جنهن ۾ پاليسين تي روشني وڌل هوندي ۽ کڄندڙ قدم مقرر ڪيل هوندا.

3. ڪاروباري رٿا، آمدني ۽ خرچ، پوتاميل، ذريعن جي گوشواري ۽ فنڊن جي استعمال (روڪ خرچ) بابت هوندي. جنهن ۾ اڪائونٽ جو وضاحتي ذڪر ڪيو ويندو.

4. ڪاروباري رٿا، هر مالي سال جي فيبروريءَ جي خاتمي کان اڳ سيڊا طرفان منظور ڪئي ويندي ۽ ان جي منظوريءَ کان فورن بعد ريگيوليٽري اختياريءَ کي موڪلي ويندي.

5. جيڪڏهن ريگيوليٽري اختياري، ان جي وصوليءَ جي ٻن مهينن جي مدي اندر ڪوبه اعتراض نه اٿاريندي ته ڪاروباري رٿا منظور ڪيل سمجهي ويندي.

6. جيڪڏهن ريگيوليٽري اختياري، ڪاروباري رٿا تي اعتراض اٿاريندي تہ سيڊا، اهڙن اعتراضن کي ٻن مهينن اندر درست ڪندي.

**21 ـ ڪاروباري رٿا تي عمل:**

(1) انتظام ۽ ضابطي جي مقصدن لاءِ، ڪاروباري رٿا جي پهرئين سال جا شيڊيول تہ ماهي بنياد تي پرکيا ويندا.

(2) رٿا تي عمل دوران، مئنيجنگ ڊائريڪٽر هر چوٿائي سال (ٽئين مهيني) جي پهرئين مهيني جي پندرهين تاريخ تائين، گذريل چوٿائي سال (ٽن مهينن) جا انتظامي اڪائونٽ پيش ڪندو. جن ۾ اڳڪٿي ٿيل هدف ۽ اصلي هدف ۽ انهن جو فرق ڄاڻايل هوندو ۽ ان سان گڏ ڪي خاص فرق پڻ ڄاڻايل هوندا. اهي نتيجا سال جي گذريل چوٿائي ۽ هلندڙ سال ۽ ٿيل واڌارن وارا ٻئي پهلو واضح ڪندا جن مان ايندڙ مالي سان جي آخر ۾ متوقع نتيجن جو پڻ پتو پوندو.

(3) مئنيجنگ ڊائريڪٽر سالياني ۽ چوٿائي سال (ٽن مهينن) وارا انتظامي اڪائونٽ نگران اٿارٽيءَ کي پڻ موڪليندو. جيڪا اڪائونٽ ملڻ جي هڪ مهيني اندر ان جو جواب اماڻي ڏيندي. مئنيجنگ ڊائريڪٽر، نگران اختياريءَ کان مليل هدايتن تي چوڏهن ڏينهن جي مُدي اندر انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ ٻڌل هوندو.

**22 ـ ساليانا اڪائونٽ ۽ پوتاميل (بئلنس شيٽ):**

(1) سيڊا جو مالي سال پهرين جولاءِ کان شروع ٿيندو ۽ ايندڙ سال 30 جون تي پورو ٿيندو.

(2) اڪائونٽ تيار ڪرڻ وقت، سيڊا اڪائونٽنگ جي بين الاقوامي معيارن جي پوئيواري ڪندي ۽ انهن معيارن کي پڻ نظر ۾ رکندي، جيڪي سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان جي گزيٽيئر ۾ ان





مقصد لاءِ ڏنل آهن ۽ اهو بہ واضح ڪيو ويندو تہ ان حوالي سان اڪائونٽنگ جون ڪهڙيون پاليسيون اختيار ڪيون ويون آهن.

(3) هر مالي سال جي پڄاڻيءَ کان ٽن مهينن جي مدي اندر چيئرمين ۽ ميمبر ساليانا اڪائونٽ تيار ڪندا.

(4) اهي اڪائونٽ، سال جي آمدني ۽ خرچ جو تفصيل ڏيندا. سال جي پڄاڻيءَ تي پوتاميل ظاهر ڪندا ۽ ان سان گڏ مالي ذريعن جو وچور توڙي سال جي فنڊن جو استعمال (روڪڙو خرچ) واضح ڪندا. ان سان گڏ سيڊا جا ميمبر سيڊا جي معاملن تي انهيءَ سال جي ڪاروباري رٿا جي پوئيواريءَ ۾ روشني وجهندا.

(5) پوتاميل، مالي سال جي آخر ۾ سيڊا جي مالي حالت جو سچو پچو عڪس پيش ڪندو. جڏهن تہ آمدني ۽ خرچ وارو اڪائونٽ مالي سال دوران خرچ ۽ ان جي مقابلي ۾ ڪوٽ وغيره جو حساب پيش ڪندو.

(6) پوتا ميل توڙي آمدني ۽ خرچ جي اڪائونٽ جي منظوري سيڊا ڏيندي ۽ ان تي صحيح مئنيجنگ ڊائريڪٽر جي غير حاضريءَ ۾ ڪي بہ بہ ميمبر ڪندا.

(7) ساليانا اڪائونٽ مالي سال پوري ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر مالي سال ختم ٿيڻ تي خودمختيار آڊيٽر جانچيندا (آڊٽ ڪندا) ۽ آڊيٽرن جي رپورٽ اڪائونٽ واري رڪارڊ سان رکبي.

(8) آڊيٽرن جي رپورٽ ملڻ جي 30 ڏينهن اندر سيڊا سالياني اڪائونٽ جي ڪاپي آڊٽ رپورٽ سان گڏ حڪومت کي موڪليندي ۽ هڪ ڪاپي نگران اختياريءَ کي موڪلي ڏيندي.

(9) ان سان گڏ سيڊا آڊيٽرن جي رپورٽ ۾ ڄاڻايل ڪنهن راءِ، اعتراض، خوبي يا خامي متعلق تفصيلي معلومات ظاهر ڪندي.

(10) سيڊا، ساليانا اڪائونٽ ۽ ان جي رپورٽ آڊيٽرن جي رپورٽ سان گڏ علائقائي ۽ مقامي اخبارن ۾ اشتهار ذريعي توڙي انٽرنيٽ تي عام ماڻهن لاءِ پڌري ڪندي.

(11) ساليانا اڪائونٽ ۽ رپورٽ گهر ڪرڻ تي سيڊا طرفان ان جي نقل ڪرڻ ۽ ان تي ايندڙ خرچ جي ادائيگيءَ سان عام ۽ خاص کي مهيا ڪئي ويندي، ۽ سيڊا جي ڪليل آفيس واري وقت دوران آفيس ۾ ڏسي سگهبي.

**23 ـ آڊيٽر، تعليمي لياقت، مقرري، معاوضو ۽ برطرفي:**

1. ڪوبه شخص جيڪو چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آرڊيننس 1961ع (1961ع جو X) مطابق جيستائين چارٽرڊ اڪائونٽنٽ نه آهي، تيستائين سيڊا ۾ آڊيٽر طور مقرر ٿي نه سگهندو.

2. سيڊا، هن آرڊيننس جي شروع ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي پهرين گڏجاڻيءَ ۾، ٽن مالي سالن لاءِ ريگيوليٽري اختياريءَ کي اطلاع ڏئي آڊيٽر مقرر ڪندي.

3. آڊيٽرن جو معاوضو سيڊا طرفان مقرر ڪيو ويندو.

**24 ـ سرڪاري گوشوارا:**

(1) حڪومت سيڊا کي هيٺينءَ ريت تفصيل پيش ڪرڻ لاءِ چئي سگهي ٿي: -

(a) سيڊا سان تعلق رکندڙ ڪنهن معاملي متعلق ڪوبه گوشوارو، تفصيل، تخمينو، شماريات يا ٻي ڪا معلومات.

(b) حڪومت طرفان گهربل ڪنهن ٻئي معاملي تي رپورٽ.

(c) حڪومت طرفان گهربل سيڊا جي چارج ۾ رکيل ڪنهن دستاويز جو نقل.

2. سيڊا بنا ڪنهن دير جي اهڙي گهرج جي پوئيواري ڪندي.





**25 ـ سيڊا جو ايريا واٽر بورڊ سان سهڪار:**

(1) سيڊا ايريا واٽر بورڊ سان عملي ڳانڍاپو رکي، انهن جي انتظامي ڪم کي هٿي ڏيندي. جنهن لاءِ ان کي هڪ يا وڌيڪ سالن لاءِ بجيٽ واري رٿا، ڪاروباري رٿا، ساليانيون رپورٽون، اڪائونٽنگ جو سرشتو، عملي بابت قاعدا، آءِ ٽي معيار، واسطيدار ڌرين کي ڪيل پاڻيءَ جي ورڇ، ايريا واٽر بورڊن ۽ آبادگار تنظيمن وچ ۾ انتظامي منتقلي وغيره بابت قابل قبول معيار قائم ڪرڻا پوندا.

(2) اهڙا معيار رسمي ۽ طريقي ڪار وارن پهلوئن تي اثرانداز ٿيندا، پر اهي ايريا واٽر بورڊن جي خودمختيار فيصلن تي اثرانداز نه ٿيندا.

(3) اهڙا معيار ايريا واٽر بورڊن سان صلاح مشوري بعد ڪين مهيا ڪيا ويندا جيڪڏهن ايريا واٽر بورڊ انهن طئي ٿيل معيارن کي نه مڃين

(4) نگران اختياريءَ کي سيڊا اهڙي شڪايت ڪري سگهي ٿي. جنهن جي نتيجي ۾ نگران اختياري انهن خلاف قدم کڻي سگهي ٿي.

**26 ـ قدرتي آفتن وقت سيڊا جو سهڪار:**

(1) قدرتي آفتن جهڙوڪ: واهن ۾ گهارن، ٻوڏن يا خوفناڪ موسم ۽ طوفان جهڙي صورت ۾ سيڊا سهڪاري ڪردار ادا ڪندي ۽ هر ممڪن اپاءُ وٺندي.

(2) مئنيجنگ ڊائريڪٽر فيصلو ڪندو ته واقعي آفت جهڙي صورتحال آهي، جنهن ۾ معاونت جو ڪردار ادا ڪرڻ ضروري آهي ۽ اهڙيءَ طرح هو ان فيصلي کان مڙني ايريا واٽر بورڊن کي واقف ڪندو.

(3) مئنيجنگ ڊائريڪٽر هر قسم جي امداد جي تقاضا ڪري سگهي ٿو يا انهن ايريا واٽر بورڊن کي هدايتون جاري ڪري سگهي ٿو، جن کي هن سب سيڪشن (2) هيٺ اطلاع ڏنو ويندو ته جيئن اهي آيل آفت جي خراب اثرن جو مقابلو ڪري سگهن.

(4) ايريا بورڊ بنا دير اها سموري امداد فراهم ڪندا. جن جي ڪائنن تقاضا ڪئي وئي آهي ۽ سيڊا طرفان ڏنل هدايتن کي پورو ڪندا.

(5) مئنيجنگ ڊائريڪٽر جيترو جلد ٿي سگهندو سيڊا کي انهن اپائن کان آگاهه ڪندو. جيڪي عمل ۾ آندا ويا آهن.

**27 ـ <u>سيڊا جو بي عمل ٿيڻ</u>:**

جتي سيڊا اندروني اختلاف ۽ /يا سيڊا جي چيئرمين ۽ چونڊيل ميمبرن جي استعيفا سبب سيڪشن 15 هيٺ پنهنجو ڪم ڪرڻ جي اهل نه ٿي رهي ته پوءِ نگران اختياري سيڊا جي 50 سيڪڙو يا ان کان وڌيڪ ميمبرن جي صحيح سان ڏنل درخواست جي جواب ۾ هن آرڊيننس تحت قائم مقام چيئرمين مقرر ڪندي. جنهن کي سيڊا جا اختيار حاصل هوندا. جيستائين هن آرڊيننس هيٺ هڪ نئين سيڊا جوڙي وڃي. تيستائين هو سيڊا جي پاڙيءَ واري نظام هلائڻ وارا فني فرض ادا ڪندو رهندو.



سنڌ واٽر مئنيجمنيٽ آرڊيننس 2002ع

باب ـ 3

## ايريا واٽر بورڊ

**28 ـ <u>قيام</u>:**

حڪومت، علائقائي حدن ۾ ايريا واٽر بورڊ جوڙي سگهي ٿي. هن آرڊيننس جي شروع ٿيڻ شرط اڳ ئي جيڪي ايريا واٽر بورڊ موجود هئا، سي ڪم ڪندا رهندا. جيستائين هن آرڊيننس هيٺ نوان ايريا واٽر بورڊ قائم نه ٿا ڪيا وڃن.

**29 ـ ايريا واٽر بورڊ جي قانوني حيثيت:**

(1) **<u>ايريا واٽر بورڊ</u>:**

(a) باڊي ڪارپوريٽ (گڏيل تنظيم) هوندي، جنهن کي دائمي وارثي جو حق هوندو، وٽس عام مهر هوندي ۽ ساڳي نالي سان پاڻ به دعويٰ ڪري سگهندي ۽ مٿس پڻ دعويٰ ٿي سگهندي.

(b) ان کي مقاطعو ڪرڻ، ملڪيت حاصل ڪرڻ، رکڻ ۽ ان کي نيڪال ڪرڻ جوا ختيار هوندو. اهو سرڪاري زمين رکي نه سگهندو ۽ نه نيڪال ڪري سگهندو. پر اها ملڪيت سرڪار لاءِ ٽرسٽ طور رکي ويندي.

(c) پنهنجن ڪاروباري معاملن ۾ خودمختيار فيصلا ڪري سگهندو.

(2) مقرريءَ جو فيصلو هيٺئينءَ ريت هوندو:

(a) ايريا واٽر بورڊ جيستائين پنهنجو ڊائريڪٽر مقرر ڪري

(b) تيستائين اڳوڻو ڊائريڪٽر پنهنجو ڪم جاري رکندو.

ايريا واٽر بورڊ جو بنيادي ڍانچو.

**30 ـ <u>ايريا واٽر بورڊ جي جوڙجڪ</u>:**

(1) ايريا واٽر بورڊ هيٺين تي مشتمل هوندو:

**نامزد ڪيل ميمبر:**

(a) سيڊا طرفان مقرر ڪيل سيڊا جو هڪ عيوضي ۔ ميمبر.

(b) ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ واقع مقامي ايوان زراعت پاران نامزد ڪيل هڪ برک ۽ واسطيدار آبادگار، پر جي ڪنهن ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ هڪ کان وڌيڪ زراعت جا ايوان آهن ته پوءِ جنهن ايوان زراعت وٽ وڌيڪ جاگرافيائي ايراضي آهي، ان جو ميمبر نامزد ڪيو ويندو ۔ ميمبر.

**چونڊيل ميمبر:**

(c) واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد اندر موجود آبادگار تنظيم طرفان پاڻي واپرائيندڙ ننڍن آبادگارن مان چونڊيل هڪ ميمبر ۔

**ميمبر:**

(d) واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد اندر موجود آبادگار تنظيم طرفان پاڻي واپرائيندڙ پڇڙيءَ وارن آبادگارن مان چونڊيل هڪ ميمبر.

(e) ان سان گڏ واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد اندر موجود آبادگار تنظيم مان چونڊيل هڪ ميمبر.

چونڊيل ۽ نامزد ٿيل ميمبرن طرفان مدعو ڪيل ميمبر

(f) آبپاشي يا ٻئي لاڳاپيل شعبي جو پسمنظر رکندڙ تعليمدان ماهر ۔ ميمبر

(g) هڪ برک صنعتڪار جيڪو ترجيحي طور حد اندر ڪم ڪندڙ ايوان تجارت جو ميمبر هوندو.

(h) هڪ تعليمي ماهر جنهن کي ماحوليات جو پسمنظر هجي ۔ ميمبر هوندو.

(i) هڪ سماجيات تعليمي ماهر، جنهن کي سماجي اڳواٽيءَ جو پسمنظر هجي ۔ ميمبر هوندو.



سنڌ واٽر مئنيجمنٽ آرڊيننس 2002ع

**غير سرڪاري ميمبر:**

(j) واسطيدار ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ وڌ ۾ وڌ ايراضي رکندڙ ضلعي جو نائب ناظم يا سندس نامزد ڪيل ڪو ماڻهو پر ڪوبه نائب ناظم يا سندس نامزد ڪيل شخص هڪ کان وڌيڪ ايريا واٽر بورڊ جو ميمبر ٿي نه سگهندو.

(k) ايريا واٽر بورڊ جو ڊائريڪٽر ۔ صلاحڪاري ميمبر ۽ سيڪريٽري.

2. سيڪشن 5 جا سب سيڪشن (3) کان (9) ضروري تبديلين سان ايريا واٽر بورڊ مٿان لاڳو ٿيندا.

3. بورڊ جي چيئرمين ۽ ميمبرن کي سيڊا ۾ ڪو به ڪم نه هوندو.

31 ۔ **چونڊون:**

(1) ميمبرن جي چونڊ ايريا واٽر بورڊ طرفان تيار ڪيل قاعدن مطابق ڪئي ويندي.

2. بورڊ جو چيئرمين، ايريا واٽر بورڊ طرفان تيار ڪيل قانونن مطابق پاڻي واپرائيندڙن ۽ پاڻيءَ ۽ پاڻيءَ جي نيڪال مان لاڀ حاصل ڪندڙن جي تنظيمن جي چيئرمينن طرفان چونڊيو ويندو.

32 ۔ **ايريا واٽر بورڊ جا ڪم:**

ايريا واٽر بورڊ جا هيٺيان ڪم هوندا:

(a) ڪيس حوالي ڪيل آبپاشي نظام جا حصا شامل هوندا، جنهن ۾ واهه ۽ شاخون (پر ان جي حد ايسٽائين محدود نه هوندي) کي هلائڻ ۽ سنڀالڻ.

(b) ڪيس حوالي ڪيل پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام جا حصا پڻ شامل هوندا، جن ۾ 15 ڪيوسڪ کان وڌيڪ پاڻي ڪڍندڙ ٽيوب ويل تي

هلندڙ نالين (جن ۾ سم جون وڏيون نالين ۽ ايريا واٽر بورڊ جون ننڍيون نالين شامل نہ هونديون) کي هلائڻ ۽ سنڀالڻ.

(c) ٻوڏ کان بچاءُ ۽ پنهنجي حد ۾ ٻوڏ کان بچاءَ وارو ڍانچو (بند وغيره)

(d) پنهنجي حد اندر ابادگار تنظيمن کي ناهڻ، وڌائڻ ۽ ترقي ڏيڻ، تہ جيئن ستن کان ڏهن سالن اندر اهي پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي مالي طور پاڻپريون ٿي سگهن.

(e) پنهنجي ڪم يا ڪارگذارين سان لاڳاپيل حڪمت عملي يا عارضي عمل وارن مامرن تي صوبائي ۽/يا مقامي حڪومتن کي صلاح مشورا ڏيڻ.

(f) ٻيو ڪوبہ ڪم ڪرڻ جيڪو هن آرڊيننس يا ايندڙ قانون هيٺ کيس سونپيو ويو هجي.

33 ـ **ايريا واٽر بورڊ جا خاص ڪم**:

پنهنجي ڪردار ۽ ڪم جي حوالي سان ايريا واٽر بورڊ جون هيٺيون ذميواريون هونديون: ـ

حڪمت عملي

(a) آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال وارين خدمتن ۾ سڌارو آڻڻ، پيئڻ جي پاڻي ۽ مجموعي طور پاڻيءَ جي نظام کي بهتر بڻائڻ، سوڪهڙي دوران پاڻيءَ جي ورهاست ڪرڻ، پنهنجي حد ۾ ٻوڏ کان بچاءَ جو انتظام ڪرڻ، مول متا ۽ مقصد واضح ڪرڻ، تعميل لاءِ پاليسيون ناهڻ، ترجيحون جوڙڻ ۽ ٻيا ڪم ڪرڻ لاءِ وقت بہ وقت حڪمت عملي تيار ڪرڻ.

(b) هر سال هڪ ڪاروباري رٿا جوڙڻ، جنهن جي مدد سان ايندڙ پنجن مالي سالن دوران پنهنجين سرگرمين لاءِ تجويزون طئي ڪرڻ.





(c) پاليسيون جوڙڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ تہ جيئن ايريا واٽر بورڊ جي جوڙجڪ کان ڏهن سالن اندر ان جي هلڻ ۽ سنڀال تي ايندڙ خرچ جي حوالي سان اهو هلڻ جوڳو، پاڻيرو ۽ مالي لحاظ کان پنهنجن پيرن تي بيهڻ لائق ٿي سگهي.

**ڪم ۽ سنڀال**:

(d) سيڌا کان آبپاشيءَ جو پاڻي حاصل ڪري طئي ٿيل مقدار ۾ مختلف آبادگار تنظيمن کي پهچائڻ يا ضرورت مطابق ٻئي زرعي استعمال ۾ آڻڻ، پيئڻ جو صاف پاڻي وڪرو ڪندڙن کي مهيا ڪرڻ، مقامي ڪائونسلن، ڪارخانن ۽ ڍنڍن ڍورن کي اهڙي طريقي ۽ شرطن شروطن تي ڏيڻ جيڪي ايريا واٽر بورڊ ۽ واسطيدار ڌرين وچ ۾ طئي ڪيا ويا هجن، ۽ سم وارو پاڻي مقرر جاين تي حاصل ڪري سم نالين ۾ وهائي ڇڏڻ.

(e) پنهنجي علائقائي حد اندر آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ جي بچاءَ واري ڍانچي کي هلائڻ ۽ ان جي سار سنڀال لهڻ.

(f) آبادگار تنظيمن ۽ ٻين پاڻي استعمال ڪندڙن کان گهرو استعمال ۽ نيڪال جو گندو پاڻي حاصل ڪرڻ ۽ اهو سيڌا يا ايريا واٽر بورڊ جي حدن اندر نيڪال واري نظام هيٺ نهيل نالين ڏانهن پاڻي جمع ڪندڙ نالين ذريعي پهچائڻ.

(g) ايريا واٽر بورڊ جي اوزارن، مشينري ۽ گدامن کي موثر، قابليت سان ۽ ڪاروباري نموني هلائڻ ۽ انهن جي سار سنڀال لهڻ.

(h) هن آرڊيننس هيٺ ايندڙ خدمتن جي بدلي محصول ۽ مسواڙ مقرر ڪرڻ ۽ اُڳاڙڻ ۽ اهڙن محصولن ۽ مسواڙ جي دير سان ادائگيءَ تي قاعدي مطابق سرچارج حاصل ڪرڻ.

(i) پاڻي استعمال ڪندڙ هڪ يا وڌيڪ ماڻهن طرفان آبادگار تنظيمن کي پئسن جي عدم ادائيگي تي، انهن لاءِ آبپاشيءَ واري پاڻيءَ جي پهچ ۾ گهٽتائي ڪرڻ.

(j) زمين جي مٿاڇري واري پاڻي ۽ زير زمين پاڻيءَ جي خاصيت جي پرک ۽ داخلا.

(k) آبپاشي ۽ نيڪال لاءِ زميني پاڻي جي استعمال تي نظر رکڻ.

(l) موثر ڪم هلائڻ، مڪمل رڪارڊ رکڻ ۽ انهن علائقن جا انگ اکر رکڻ جيڪي ايريا واٽر بورڊ کان پاڻي وٺن ٿا ۽ اهو ڏسڻ ته ڪين هڪ يا وڌيڪ ذريعن وٽان پاڻي ملي ٿو.

(m) هن آرڊيننس هيٺ طئي ٿيل شرطن مطابق ايريا واٽر بورڊ جون رهتون اُڳاڙڻ يا سنڌ لئنڊ روينيو ائڪٽ 1967ع هيٺ ڍل جون بقاياڻون وصول ڪرڻ.

(n) طئي ڪيل طريقيڪار، نمونو ۽ شيون اهڙيءَ طرح استعمال ڪرڻ جيئن انهن جو دستور جوڙيو ويو آهي.

**سيڙپ وارا منصوبا ۽ رٿائون:**

(o) دلچسپي رکندڙ واسطيدار ڌرين جي صلاح مشوري سان آبپاشي، پاڻي نيڪال جي نظام ۽ ٻوڏ کان بچاءَ واري ڍانچي جي سڌاري لاءِ رٿابندي ڪرڻ، ڊزائين ڪرڻ ۽ تعميراتي ڪم ڪرڻ، ان سان گڏ پنهنجيءَ حد ۾ زرعي زمينن جا ترقياتي ڪم ڪرائڻ.

(p) سنڌ پبلڪ پراپرٽي رموئل آف اينڪروچمينٽس ائڪٽ 1975ع هيٺ ايريا واٽر بورڊ جي ملڪيتن تي حددخليون ۽ غير قانوني تعميرات هٽائڻ.

(q) خريداري ۽ وڪرو ڪرڻ، ايريا واٽر بورڊ جي اوزارن، مشينري ۽ گدامن کي موثر، قابليت سان ۽ ڪاروباري نموني هلائڻ ۽ انهن جي سار سنڀال لهڻ.





**معلومات کي عام ڪرڻ:**

(r) ايريا واٽر بوردن جي ڪارڪردگيءَ بابت ڪابہ معلومات نگران اٿارٽيءَ کي مفت ۾ اهڙي طريقي، نموني ۽ وقت تي پهچائڻ جيئن ضروري هجي.

(s) پاڻيءَ جي مقدار بابت رٿابندي، پاڻيءَ جي اصلي ورهاست ۽ ٻنهي جي ڀيٽ ڪري اهڙو مواد ڇپائڻ ۽ پڪ ڪرڻ ته اهڙي معلومات آسانيءَ سان ۽ مناسب وقفن سان مهيا ڪري سگهجي ٿي.

(t) نگران اختياريءَ جي ترقي، پاليسين، طريقي ڪار ۽ ماڻهن بابت اهڙيءَ طرح مواد ڇپائڻ جيئن اها چاهي ۽ جن ڌرين بابت مواد ڇپائڻ گهري.

(u) اهڙو اضافي مواد ڇپائڻ جيڪو ايريا واٽر بورڊ ۾ دلچسپي رکندڙ واسطيدار ماڻهن ۽ ٻين ماڻهن لاءِ پنهنجين سرگرمين بابت ڇپائڻ گهري.

(v) جيڪڏهن سمجهيو وڃي ته سندس حد ۾ وهندڙ پاڻيءَ جي استعمال سان ٻوڏ جو نقصان ٿي سگهي ٿو ته پوءِ ٻوڏ جو عام چتاءُ ڏيڻ ۽ اهڙين سڀني ڌرين کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ، جيڪي ان کان متاثر ٿي سگهن ٿيون.

**انتظاميا:**

(w) هن آرڊيننس هيٺ پنهنجي موثر ڪارڪردگيءَ لاءِ ضروري رڪارڊ، رجسٽر ۽ انگ اکر گڏ ڪري رکڻ.

(x) عام رواجي ڪاروباري طريقي ۽ قابليت سان پنهنجن مڙني ڪاروباري معاملن جو انتظام هلائڻ.

**ٻيا ڪم:**

(z) ايريا واٽر بورڊ جي دائري اندر ۽ هن آرڊيننس جي مجموعي مقصد جي پورائي لاءِ ٻيو ڪوبہ ڪم ڪرڻ.

**34 ـ انتظامي بورڊ:**

(1) ايريا واٽر بورڊ جي مجموعي ضابطي ۽ رهنمائيءَ ۾، ايريا واٽر بورڊ کي هڪ انتظامي بورڊ هلائيندو، جنهن جي جوڙجڪ ڊائريڪٽر ڪندو ۽ ان ۾ ايترا مئنيجر هوندا، جيترا مقصد جي پورائي لاءِ عام طور ضرورت هوندي.

(2) سيڪشن 12 جا (2) کان (4) تائين سب سيڪشن ضروري تبديلين سميت بورڊ سان لاڳو ٿيندا.

**35 ـ پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽي (واٽر ايلوڪيشن ڪميٽي):**

(1) هر ايريا واٽر بورڊ هڪ پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽي قائم ڪري هلائيندو. جيڪڏهن ايريا واٽر بورڊ جي حوالي مُک ڪئنالن مان نڪرندڙ شاخون به آهن، جيڪي آبادگار تنظيمن کي پاڻي مهيا ڪن ٿيون ته پوءِ ايريا واٽر بورڊ انهن شاخن تي پڻ پاڻي تعين ڪندڙ ڪميٽيون قائم ڪندو.

(2) ايريا واٽر بورڊ جي سطح تي قائم ٿيندڙ پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي هيٺين ماڻهن تي مشتمل هوندي:

(a) ايريا واٽر بورڊ جو ڊائريڪٽر يا هن جو مقرر ڪيل ڪوبه ماڻهو.

(b) سيني شاخن لاءِ هڪ انجنيئر.

(c) هر شاخ مان به چونڊيل آبادگارن جا نمائندا اهڙيءَ طرح ڪنيا ويندا جو هر شاخ مان هڪ آبادگار پڇڙيءَ جو هوندو يا ننيو آبادگار هوندو.

(d) ايريا واٽر بورڊ جي حدن ۾ سيني کان وڏي ايراضيءَ واري ضلعي مان به نمائندا هوندا. ضلعي جي نمائندگي هڪ کان وڌيڪ پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ ۾ نه هوندي.

(3) سيڪشن 13 جا سب سيڪشن (3)، (4) ۽ (5) ضروري تبديلين سان پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ سان لاڳو ٿيندا.





(4) ايريا واٽر بورڊ جي سطح تي پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ جا هيٺيان ڪم هوندا:

(a) پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ سان گهري رابطي ۾ رهندي. بئراج سطح تي هڪ سلسليوار بنياد فراهم ڪرڻ، جنهن تحت ڪئنالن جي مختلف شاخن لاءِ پاڻيءَ جا حق طئي ڪرڻ، جنهن لاءِ ڊزائين مطابق پاڻيءَ جو وهڪرو طئي ڪرڻ، آبادي لائق زمين ۽ استعمال هيٺ ايندڙ زمين طئي ڪرڻ، ۽ تاريخي طور پاڻيءَ جو وهڪرو، آبادي لائق زمين ۽ استعمال هيٺ زمين ۽ پاڻيءَ جي صورتحال طئي ڪرڻ، سوڪهڙي جي مند ۾ پاڻيءَ جي حقن ۽ پاڻيءَ جي ورڇ تي خاص ڌيان ڏيڻ.

(b) ڪئنالن جي مختلف شاخن لاءِ هفتيوار وقفي سان پاڻيءَ جو حصو عام طور استعمال ٿيندڙ پاڻيءَ جي روشنيءَ ۾ طئي ڪرڻ. ابتدائي طور پاڻيءَ جو حصو ڊزائين مطابق وهڪري تي طئي ڪيو ويندو، جنهن کانپوءِ آبپاشي ڍانچي، تاريخي وهڪري ۽ مارڪيٽ واري اصول وارين مجبورين کي نظر ۾ رکي پاڻيءَ جي حقن طئي ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون وينديون. پاڻيءَ جي اهڙن حقن بابت ايريا واٽر بورڊ ۾ هڪ رجسٽر رکيو ويندو.

(c) وقت به وقت پاڻيءَ جي حقن بابت رجسٽر جي چڪاس ڪئي ويندي (گهٽ ۾ گهٽ هر موسم دوران) ۽ پڪ ڪئي ويندي ته رجسٽر کي صحيح طريقي سان، وقت به وقت منظم نموني سڌاريو پيو وڃي.

(d) مختلف واهن لاءِ هر موسم دوران هفتيوار وارابنديءَ سان پاڻيءَ جي مقدار جي رٿابندي ڪرڻ جنهن جو بنياد طئي ٿيل پاڻيءَ جي حقن تي هجي (يا ڊزائين آهر وهڪري تي ٻڌل هجي يا جيئن ضروري هجي.) پاڻيءَ جو مقدار موسم دوران اڳڪٿي ڪيل پاڻيءَ جي موجودگي آهر هوندو. پر هر واهه جي شاخ جو خاص خيال رکيو ويندو.

(e) اڳڪٿي ڪيل پاڻيءَ کان موجود پاڻيءَ جو مقدار مختلف هئڻ جي صورت ۾ پاڻيءَ جي ورڇ جي رٿابندي ڪرڻ.

(f) يقين ڪرڻ ته پاڻي وهڪري جون (فني لحاظ کان ۽ سچائيءَ سان) صحيح جڳهين ۽ مناسب وقفن سان ماپون ورتيون ويون آهن.

(g) طئي ٿيل وهڪري جي اصل وهڪري سان ڀيٽ ڪرڻ ۽ فرق جي وضاحت ڪرڻ

(h) پاڻيءَ جي ورهاست واري رٿابندي ۽ ان جي پورائي واري مد هيٺ پاڻيءَ جي مقدار جي ڀيٽ سميت ڇپائي ايريا واٽر بورڊن جي ڊويزنن ۽ خاص ڪري حد اندر رهندڙ ابادگارن کي سڌ سماءَ جي مختلف وسيلن جهڙوڪ: اخبارن (سنڌي، اردو ۽ انگريزي) بليٽن، ٽي وي، ريڊيو ۽ انٽرنيٽ ذريعي پهچائڻ. هيءُ ڪم لاڳيتو ڪيو ويندو.

(i) واهن جي سطح تي آبپاشيءَ جي ڍانچي کي سڌارڻ لاءِ تعميراتي ڪمن ڪرڻ جون تجويزون ڏيڻ ته جيئن پاڻيءَ جي ورهاست ضرورت وقت ٿي سگهي.

(j) پاڻي مهيا ڪرڻ واري معاملي تي بحث مباحثو ڪرڻ لاءِ سيني دلچسپي رکندڙ ڌرين جي گڏيل پليٽفارم وانگر ڪم ڪرڻ.

- ايريا واٽر بورڊ جي سطح تي پاڻي استعمال ڪرڻ وارن ماڻهن جون شڪايتون وصول ڪرڻ ۽ انهن جو اپياس ڪرڻ.
- ضرورت پوي ته گڏجاڻيون ڪوٺائڻ.
- ايريا واٽر بورڊ کي دلچسپي رکندڙ ماڻهن جي راءِ کان واقف ڪرڻ
- منظور ٿيل پاڻي يا پاڻي جي حقن ۾ ٿيل تبديلين تي مذاڪرات ڪرڻ.

(k) سيڊا/بئراج واري پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ سان ويجهي رابطي ۾ رهي ترجيحن ۾ ٿيندڙ تبديلين يا پاڻي استعمال ڪندڙ نون ماڻهن کي شامل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون هلائڻ.

(l) سالياني رپورٽ شايع ڪرڻ، جنهن ۾ جاري ڪيل جملي معلومات، گڏجاڻين بابت اطلاع ۽ ڪيل فيصلن جو وچور ڏنو وڃي ۽



سنڌ واٽر مئنيجمنيٽ آرڊيننس 2002ع

پاڻيءَ جي مستقل پهچ ۽ شفاف طريقيڪار جي سڌاري بابت تفصيل ڏنا وڃن.

(5) شاخن جي سطح تي پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي هيٺين ماڻهن تي ٻڌل هوندي:

(a) برانچ ڪئنال لاءِ ذميوار ايريا واٽر بورڊ جو سينيئر انجنيئر،

(b) ايريا واٽر بورڊ جي هيٺين عملي جا ٻه ماڻهو.

(c) شاخ جي آبادگار تنظيمن جا چار چونڊيل ميمبر جن مان ٻه پڇڙيءَ جا آبادگار يا ننڍا آبادگار هجن.

(d) واهه جي شاخ واري حد ۾ وڏيڪ ايراضي رکندڙ ضلعي جو نمائندو بشرطيڪ ضلعي جي نمائندگي هڪ کان وڏيڪ پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ ۾ نه هجي.

(e) پاڻي استعمال ڪندڙ ٻين ڌرين جو هڪ نمائندو (پيئڻ جي پاڻيءَ واريون ڪمپنيون، ڪارخانا، ٻيلا وغيره).

(6) سيڪشن 13 جا (3)، (4) ۽ (5) سب سيڪشن ضروري تبديلين سان پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ تي لاڳو ٿيندا.

(7) شاخ جي سطح تي پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(a) پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ سان ڳانڍاپي ۾ رهندي ايريا واٽر بورڊ جي سطح تي مختلف ڊسٽريبيوٽريز ۽ شاخن يا جيئن صورتحال هجي، سڌين شاخن، لفٽ چئنل (ايف اوز هيٺ ڄاڻايل) لاءِ هڪ سلسليوار بنياد جوڙڻ، جنهن ۾ ڊزائين سي سي اي، تاريخي وهڪرو، حقيقي سي سي اي، زمين تي پاڻيءَ جي صورتحال ۽ استعمال ۾ آيل زمين کي استعمال ڪرڻ. سوڪهڙي جي وقت ۾ پاڻيءَ جي حقن جي ورهاست تي خاص ڌيان ڏنو وڃي.

(b) مائنر ۽ ڊسٽريبيوٽريز لاءِ هفتيوار پاڻيءَ جو حصو "پاڻيءَ جي عام رواجي دستيابي" جي روشنيءَ ۾ طئي ڪرڻ، ابتدائي طور پاڻيءَ جو حصو ڊزائين مطابق وهڪري تي طئي ڪيو وڃي. جنهن کان پوءِ آبپاشي ڍانچي، تاريخي وهڪري ۽ مارڪيٽ واري اصول وارين مجبورين کي نظر ۾ رکي، پاڻيءَ جا حق طئي ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪرڻ. پاڻيءَ جي اهڙن حقن بابت ايريا واٽر بورڊ ۽ ڊويزن سطح تي هڪ رجسٽر رکيو ويندو.

(c) وقت به وقت پاڻيءَ وارن حقن جو رجسٽر (گهٽ ۾ گهٽ هر موسم دوران) چڪاس ڪرڻ ۽ يقين ڪرڻ ته اهو صحيح نموني، وقتائتو ۽ سلسليوار سڌاريو پيو وڃي.

(d) مختلف آبادگار تنظيمن لاءِ هرهڪ موسم دوران هفتيوار پاڻيءَ جي رٿابندي ڪرڻ، جنهن لاءِ طئي ٿيل پاڻيءَ جا حق (يا ڊزائين آهر وهڪرو، جيئن ضروري هجي) موسم دوران اڳڪٿي ڪيل پاڻي ۽ هر واهه جي شاخ جو خاص خيال رکيو وڃي.

(e) پاڻيءَ جي رٿيل ورهاست ۽ پاڻيءَ جي حقيقي موجودگيءَ ۾ نئين رٿابندي ڪرڻ، جيڪڏهن ٻنهي ۾ فرق موجود اهي.

(f) يقين ڪرڻ ته پاڻيءَ جي وهڪري جون ماپون (فني لحاظ کان توڙي سچائيءَ سان) صحيح ڪيون ويون آهن، صحيح جڳهين تان ورتل آهن ۽ مناسب وقفي سان ٿيل آهن.

(g) پاڻيءَ جي طئي ٿيل وهڪري کي حقيقي وهڪري سان ڀيٽ ڪري، فرق بيان ڪرڻ.

(h) مٿي ڄاڻايل (ٿ) هيٺ پاڻيءَ جي ڀيٽ، جملي تبديلين ۽ نئين سر رٿابنديءَ بابت مواد ڇپائي سڌ سماءَ جي مختلف ذريعن وسيلي آبادگار تنظيمن جي حوالي ڪجي. هيءُ ڪم لڳاتار وقفن سان ڪرڻ گهرجي، بهرحال ڪنهن به صورت ۾ وقفو هڪ مهيني کان وڌيڪ نه هجي.





(i) واهن مان نڪرندڙ شاخن جي سطح تي آبپاشيءَ جي ڍانچي ۽ مرمت وارن ڪمن جون تجويزون ڏيڻ ته جيئن ضرورت آهر پاڻيءَ جي ورڇ ٿي سگهي.

(j) پاڻيءَ جي منظور ڪرڻ جي سلسلي ۾ بحث مباحثي لاءِ دلچسپي رکندڙ ڌرين جي گڏيل پليٽفارم طور ڪم ڪرڻ.

- شاخن جي سطح تي پاڻي استعمال ڪندڙن جون شڪايتون وصول ڪرڻ ۽ انهن جو اپياس ڪرڻ.
- گڏجاڻيون سڏائڻ، جيڪڏهن ضروري هجي.
- شاخن جي سطح تي دلچسپي رکندڙ ڌرين جي راءِ کان واقف ڪرڻ.
- منظور ٿيل پاڻيءَ يا پاڻيءَ جي حقن ۾ تبديلين تي ضرورت آهر ڳالهيون ڪرڻ.

(k) ترجيحن ۾ تبديلين جي ضرورت آهر پاڻي استعمال ڪندڙ نين ڌرين کي شامل ڪرڻ بابت پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ سان ويجهي رابطي ۾ رهي ايريا واٽر بورڊ جي سطح تي ڳالهيون ڪرڻ.

(l) ساليانی رپورٽ شايع ڪرڻ، جنهن ۾ جاري ڪيل جملي معلومات، گڏجاڻين بابت اطلاع ۽ ڪيل اهم فيصلن جو وچور ڏنو وڃي ۽ پاڻيءَ جي پائيدار پهچ ۽ شفاف طريقي ڪار جي سڌاري بابت تفصيل ڏنا وڃن.

36 ـ **عوامي صلاحڪار ڪميٽيون:**

(1) جتي ايريا واٽر بورڊ ڪم ڪري رهيا آهن، اتي مقامي ماڻهن سان بهتر رابطي رکڻ جي مقصد خاطر هر ايريا واٽر بورڊ هڪ عوامي صلاحڪار ڪميٽي جوڙيندو.

(2) عوامي صلاحڪار ڪميٽي هيٺين ماڻهن تي ٻڌل هوندي:

(a) ايري واٽر بورڊ جا ٻه نمائندا.

(b) انهيءَ آبادگار تنظيم جا چار نمائندا، جنهن جي حد ۾ مسئلو موجود آهي. آبادگار تنظيم جي نمائندن مان ٻه پڇڙيءَ جا آبادگار هوندا، پر اهي پنهنجين آبادگار تنظيمن جي جنرل باڊيءَ جا ميمبر نه هوندا.

(c) عوامي صلاحڪار ڪميٽي اهڙن اٽڏرين ماهرن کي ڪوٽي ڪميٽيءَ جا صلاحڪار ميمبر مقرر ڪندي. جن کي غور هيٺ ايندڙ معاملن ۾ مهارت هوندي.

(3) سب سيڪشن (1) ۽ (2) سميت سيڪشن 14 ضروري تبديلين سان مقامي صلاحڪار ڪميٽيءَ سان لاڳو ٿيندو.

**37 ـ پاڻيءَ جي نئين رسد نه پهچائڻ وارو فرض:**

هن فقري هيٺ هڪ ايريا واٽر بورڊ کان اهڙي تقاضا نه ڪئي ويندي ته اهو پاڻيءَ جي نئين رسد ڪنهن ڪائونسل، يا ڪنهن زرعي، واپاري يا صنعتي اداري کي مهيا ڪري. يا وري پاڻيءَ جي نئين رسد ڏيڻ جهڙو ڪو قدم نه کڻي. جنهن سان پاڻيءَ جي طئي ٿيل پهچ مهيا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي يا اضافي ڪم ڪرائڻ سبب اجاين خرچن ۾ اضافو ٿئي.

**38 ـ زهريلي، نقصانڪار ۽ گندي پاڻيءَ بابت ايريا واٽر بورڊ جا اختيار:**

ايريا واٽر بورڊ جي قاعدن جي ابتڙ ڪنهن شيءِ کان سواءِ، ايريا واٽر بورڊ کي اختيار هوندا، ته:

(1) زهريلي، نقصانڪار ۽ گندي پاڻيءَ کي اهڙيءَ طرح وهايو وڃي، ۽ ان جي نظرداري ڪئي وڃي جيئن صاف پاڻيءَ جي ذريعن ۾ گهٽ ۾ گهٽ گدلاڻ ٿئي.

(2) سب سيڪشن (1) هيٺ سرانجام ڏيڻ وارين خدمتن جي موٽ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کان ايريا واٽر بورڊ جي مقرر ڪيل اگهن مطابق محصول طلب ڪرڻ ۽ وصول ڪرڻ.





(3) ايريا واٽر بورڊ جي حدن ۾ زهريلي، نقصانڪار ۽ گندي پاڻي وهائڻ جو ڏوهه ڪندڙن کان نگران اختياريءَ کي واقف ڪرڻ.

**39 ـ ايريا واٽر بورڊ سان لاڳو ٿيندڙ فقرا:**

سيڪشن 6، 7، 8، 9، 16، 17، 18، 19، 20، 21، 22، 23، 24 ۽ 27 ضروري تبديلين سان ايريا واٽر بورڊ مٿان لاڳو ٿيندا.

باب ـ 4

# آبادگار تنظيمون

**40 ـ آبادگار تنظيمن جي قانوني حيثيت:**

(1) هن آرڊيننس هيٺ قائم ٿيل آبادگار تنظيم:

(a) باڊي ڪارپوريٽ (گڏيل تنظيم) هوندي، جنهن کي مستقل وارثيءَ جو حق هوندو، وٽس عام مهر هوندي، ۽ ساڳئي نالي سان دعويٰ ڪري سگهندي ۽ مٿس دعويٰ ٿي سگهندي.

(b) ان کي ملڪيتون مسواڙ تي ڏيڻ، ليز ڪرڻ، خريد ڪرڻ، رکڻ ۽ وڪرو ڪرڻ جو اختيار هوندو، البت سرڪار سان تعلق رکندڙ زمين رکي يا نيڪال نه ڪري سگهندي ۽ اهڙي زمين سرڪار لاءِ ٽرسٽ طور رکي ويندي.

(c) پنهنجن معاملن هلائڻ ۾ خودمختيار فيصلو ڪري سگهندي.

(d) پنهنجي حد اندر مائنر ۽ ڊسٽريبيوٽريءَ جي آبادگارن، پاڻيءَ جو غير زرعي استعمال ڪندڙن جي نمائندگي ڪندي.

(2) آبادگار تنظيم جي حد جون سرحدون اهڙا پاڻيءَ واپرائيندڙ علائقا هوندا، جن جي نقشي تي واضع ماپ ٿيل هوندي ۽ انهن جا تفصيل آبادگار تنظيم جي آفيس ۾ رکيا ويندا.

(3) آبادگار تنظيم واري حد جي ايراضيءَ ۾ پرپاسي وارا پاڻي جا علائقا شامل نه هوندا. جيڪڏهن اهي پري وارين "پاڻي واپرائيندڙ تنظيمن" جا ميمبر هوندا، جن کي لفٽ وارو پاڻي ملي ٿو يا واهن مان سڌو پاڻي کڻن ٿا. لفٽ اسڪيمن ۽ سڌو پاڻي کڻندڙن تي آبادگار تنظيم طرفان جوڙيل خاص قاعدا لاڳو ٿي سگهندا.

**41 ـ داخلا:**

(1) آبادگار تنظيم داخلا ذريعي پنهنجي قانوني حيثيت حاصل ڪندي. جنهن لاءِ ان جا ميمبر نگران اختياريءَ کي درخواست ڏيندا. ان





لاءِ شرط اهو هوندو ته آبادگار تنظيم جي حد جي ٻہ پاڳي ٿي ايراضي واٽر ڪورس تنظيم (ڊبليو سي اي) جي دائري ۾ هوندي.

(2) داخلا لاءِ درخواست، نگران اختياريءَ جي ٺاهيل قاعدن جي روشنيءَ ۾ معلومات ڏنل هوندي ۽ ان سان گڏ آبيانو ادا ڪندڙن جي رجسٽر جي تصديق ٿيل ڪاپي شامل هوندي ۽ مروج هارپ (ٽيننسي) قانون جي دائري اندر ايندڙ ليز (مقاطعو) تي ملڪيتون رکندڙ پڻ ان ۾ شامل هوندا.

(3) سب سيڪشن (1) هيٺ درخواست وٺڻ کان پوءِ نگران اختياري واسطيدار ايريا واٽر بورڊ کي چئن هفتن اندر نوٽيس اماڻيندي، يا جتي ايريا واٽر بورڊ ناهي. اتي سيڊا کي نوٽيس اماڻيندي ته جيئن ڏنل درخواست تي پنهنجو رايو ڏئي.

(4) ايريا واٽر بورڊ يا سيڊا جو رايو ملڻ کان پوءِ نگران اختياري آبادگار تنظيم کي داخلا ڏيندي. بشرطيڪ ايريا واٽر بورڊ يا سيڊا جا اعتراض حل ٿي ويا هجن ۽ آبادگار تنظيم قاعدن مطابق شرط پورا ڪيا هجن.

**42 ـ آبادگار تنظيم اندر ميمبر سازي:**

(1) ميمبرسازي صرف تنظيم (ڊبليو سي اي) ۽ نيڪال واري پاڻيءَ جو لاپ وٺندڙن جي گروپ (ڊي بي جي) لاءِ ڪليل هوندي، جيڪڏهن اهي آبادگار تنظيم جي حد ۾ واقع هوندا.

(2) آبادگار تنظيم ۾ انفرادي ميمبرشپ نه ڪئي ويندي

(3) آبادگار تنظيم جنرل باڊي ذريعي عمل ڪندي

43_ جنرل باڊي

(1) آبادگار تنظيم جي جنرباڊي واٽر ڪورس ايسوسيئسن ۽ پاڻي جي نيڪال مان فائدو وٺندڙن جي حد ۾ ايندڙ نمائندن تي مشتمل هوندي

(2) آبادگار تنظيم جي قاعدن موجب ڊبليو سي اي ۽ ڊي بي جي جنرل باڊيءَ لاءِ هڪ نمائندو چوندي موڪليندي.

(3) جيڪڏهن ڊبليو سي اي ۽ ڊي بي جي وارين تنظيمن جو جملي تعداد 21 کان گهٽ ٿئي ٿو ته انهن مان هرهڪ تنظيم نمائندن جو برابر تعداد جنرل باڊيءَ لاءِ موڪليندي ته جيئن جملي 21 ميمبر ٿي سگهن.

(4) جنرل باڊيءَ جو ڪو ميمبر پنهنجي هٿ سان لکت ذريعي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهندو.

**44 ـ جنرل باڊيءَ جون گڏجاڻيون:**

(1) جنرل باڊيءَ جي افتتاحي گڏجاڻي نگران اختياري، آبادگار تنظيم جي حد ۾ قائم ٿيل "ڊبليو سي اي" ۽ "ڊي بي جي" وارين تنظيمن کي اڳواٽ اطلاع ڏئي گهرائي ويندي.

(2) ان کان پوءِ ٿيندڙ گڏجاڻين تي سيڪشن 9 لاڳو ٿيندو.

**45 ـ آبادگار تنظيمن جا فرض:**

(1) آبادگار تنظيمن جا هيٺيان ڪم هوندا:

(a) آبپاشي نظام جا اهي حصا جيڪي انهن کي حوالي ڪيا ويا آهن، اتي اِهو يقيني بڻائڻ تي پڇڙيءَ وارن ۽ ننڍن آبادگارن ۾ برابري ۽ انصاف سان پاڻيءَ جي ورڇ ٿئي ٿي ۽ غير زرعي مقصدن لاءِ پاڻي فراهم ڪيو وڃي ٿو ۽ گهٽ ۾ گهٽ گهربل پيئڻ جو پاڻي يقيني طور ڏنو ويندو.

(b) سم واري پاڻي جي نظام جا حصا جيڪي اُن جي حوالي ڪيا آهن، انهن کي هلائڻ ۽ سنڀالڻ.

(c) پنهنجين حدن ۾ ٻوڏ کان بچاءُ ڪرڻ ۽ ان لاءِ موجود ڍانچي جي سار سنڀال لهڻ.

(d) پنهنجي ڪردار ۽ ڪم جي حوالي سان مقامي ڪائونسلن کي حڪمت عملي ۽ عملي معاملن تي صلاح مشورا ڏيڻ.



سنڌ واٽر مئنيجمنيٽ آرڊيننس 2002ع

(e) هن آرڊيننس يا هن کان پوءِ جوڙيل قاعدن مطابق ٻيو ڪو ڪم ڪرڻ جيڪو ان کي سونپيو وڃي.

(2) سب سيڪشن (1) ۾ ڄاڻايل ڪمن کي پوري ڪرڻ جي سلسلي ۾ آبادگار تنظيم پنهنجن ميمبر تنظيمن "ڊبليو سي اي" ۽ "ڊي بي جي" کي جيترو ٿي سگهندو، مدد ڪندي ۽ سهولتون ڏيندي، جيترو ٿي سگهندو اها "ڊبليو سي اي" ۽ "ڊي بي جي" ڏانهن پنهنجا ڪم منتقل ڪندي ۽ انهن جي فيصلن ۽ صلاح تي عمل ڪندي.

(3) آبادگار تنظيمن جي جنرل باڊي فيصلو ڪري سگهي ٿي ته اها "ڊبليو سي اي" يا ۽ "ڊي بي جي" پاران ڪيل ڪنهن فيصلي تي عمل نه ڪري، جيڪڏهن سندس ڪاروباري رٿا وٽ ايترا وسيلا موجود ناهن يا ٻي صورت ۾ "ڊبليو سي اي" يا "ڊي بي جي" جا فيصلا آبادگار تنظيم يا ايريا واٽر بورڊ تي ناڪاري اثر ڇڏيندا.

(4) جيڪڏهن "ڊبليو سي اي" يا "ڊي بي جي" پاران ڪيل فيصلن تي ابادگار تنظيم فيصلي کان ٻن مهينن تائين عمل نه ٿي ڪري ته پوءِ "ڊبليو سي اي" يا "ڊي بي جي" جي اپيل تي اهو معاملو نگران اختياريءَ وٽ فيصلي لاءِ هليو ويندو.

**46 ـ آبادگار تنظيم جا خاص ڪم:**

پنهنجو ڪردار ۽ فرض ادا ڪرڻ جي سلسلي ۾ هڪ آبادگار تنظيم هيٺيان ڪم ڪندي:

**حڪمت عملي:**

(a) آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال، پاڻيءَ جي مجموعي نظام، پنهنجي ضابطي ۽ حد ۾ ٻوڏ کان بچاءَ، مول ۽ مقصد واضح ڪرڻ، پاليسين تي عمل ڪرائڻ ترجيحون طئي ڪرڻ ۽ ٻين ڪمن جي سلسلي ۾ سڌاري آڻڻ لاءِ ترتيب وار رٿائون جوڙڻ.

(b) هر سال ڪاروباري رٿا جوڙڻ ۽ ايندڙ پنجن مالي سالن دوران پنهنجين سرگرمين لاءِ تجويزون تيار ڪرڻ.

**ڪم ۽ سنڀال:**

(c) مائينر يا ڊسٽريبيوٽريءَ جي منهن تي سيڊا يا ايريا واٽر بورڊ کان آبپاشيءَ جو پاڻي حاصل ڪرڻ ۽ اهو واٽر ڪورس جماعتن (ڊبليو سي اي) ۽ ٻين پاڻي استعمال ڪندڙ ڌرين کي مهيا ڪرڻ ۽ خاص ڪري ان کي يقيني بڻائڻ تي پڇڙيءَ وارن ۽ ننڍن آبادگارن جا مفاد پورا ڪيا وڃن تا ۽ ڳوٺن کي پيئڻ جو پاڻي مهيا ڪيو وڃي ٿو.

(d) واٽر ڪورس تنظيمن (ڊبليو سي اي) يا سم جي پاڻي نيڪال ٿيڻ مان لاڀ حاصل ڪندڙ گروپن (ڊي بي جي) ۽ ٻين پاڻي استعمال ڪندڙن وٽان اضافي پاڻيءَ جو وهڪرو وصول ڪري نيڪال واري نظام جي پاڻي گڏ ڪرڻ وارين وڏين ۽ جوڙ وارين ننڍين نالين تائين پهچائڻ جيڪي ايريا واٽر بورڊ يا سيڊا جي حدن ۾ آهن.

(e) آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ کان بچاءَ واري ڍانچي جهڙوڪ: ننڍيون شاخون، وڏيون شاخون، سم جو پاڻي جمع ڪرڻ واريون ناليون ۽ عام ماڻهن لاءِ پاڻي جي نظام وارن ڍانچن جي هلائڻ، سنڀالڻ، محفوظ ڪرڻ ۽ انهن ۾ سڌارو آڻڻ. اهو ڪم سم جي پاڻي نيڪال ٿيڻ مان لاڀ حاصل ڪرڻ وارن ماڻهن کي پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي، نيڪيدارن کان يا سرڪاري عملي کان ڪرايو ويندو.

(f) جنرل باڊيءَ طرفان پاڻيءَ جي نيڪال ۽ رسد حاصل ڪندڙن ۽ ٻين پاڻي استعمال ڪندڙن تي مقرر ڪيل ۽ منظور ڪيل محصول جمع ڪرڻ، آبپاشيءَ جي پاڻيءَ ۽ اضافي پاڻيءَ جي نيڪال، جيڪو ايريا واٽر بورڊ يا سيڊا ذريعي ٿئي ٿو. اُن جي مسواڙ حاصل ڪرڻ ۽ دير سان ٿيندڙ ادائگين تي لاڳو ٿيندڙ سرچارج توڙي سنڌ لئنڊ روينيو ائڪٽ 1967ع هيٺ ڊيل جي اوڳاڙي ڪرڻ.





(g) واٽر ڪورس تنظيمن (ڊبليو سي اي) جي حوالي ڪيل واٽر ڪورسن لاءِ آبپاشيءَ واري پاڻيءَ جي رسد گھٽائڻ، جيڪڏهن انهن جو پاڻي حاصل ڪندڙ ڪين پاڻيءَ جا محصول نہ ٿا ڏين.

(h) پاڻيءَ واري نظام جون ٻيون سرگرميون جن جي منظوري جنرل باڊي ڏئي ڇڏي آهي ۽ هن آرڊيننس جي قاعدن سان سهمت آهن، انهن کي هلائڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ.

**سيڙپ وارا منصوبا ۽ رٿائون:**

(i) جنرل باڊيءَ طرفان منظور ڪيل اهڙن ڪمن جي رٿابندي ڪرڻ ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ جن جو مقصد آبپاشي پاڻيءَ جي ورهاست، پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام هلائڻ ۽ پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ آهي. ان ڪم لاءِ ڪنسلٽنٽ، صلاحڪار ۽ ملازم اجرت تي حاصل ڪرڻ يا انهن جي مقرري ڪرڻ، جيئن ضروري سمجهيو وڃي يا ڪنهن طرح انهن کان اهڙن شرطن تي ڪم ونڻ جيڪي طئي ٿيل آهن.

(j) طئي ٿيل شرطن تي هنگامي نوعيت وارا ڪم ڪرائڻ ۽ انهن جي تعميل ڪرڻ.

**معلومات جو عام ڪرڻ:**

(k) نگران اختياري آبادگار تنظيمن جي ڪارڪردگيءَ بابت ڪابہ معلومات گهربل نموني، طريقي ۽ وقت تي مفت مهيا ڪندي.

(l) نگران اختياريءَ جي واڌاري، پاليسين، طريقي ڪار ۽ ماڻهن بابت معلومات ڇپائي پڌري ڪرڻ، اهڙي نموني جيئن تقاضا ڪئي وڃي ۽ اهڙن ماڻهن کي بنا معاوضي ڏني وڃي، جن جي نشاندهي نگران اختيار ڪري.

(m) اهڙو اضافي مواد ڇپائي پڌرو ڪرڻ، جنهن سان آبادگار تنظيم پنهنجين سرگرمين سان دلچسپي رکندڙ واسطيدار ڌرين ۽ عام ماڻهن کي آگاهہ ڪرڻ گهري.

(n) جيڪڏهن محسوس ڪيو وڃي تہ سندس (آبادگار تنظيم جي) حد ۾ وهندڙ پاڻي ٻوڏ آڻي سگهي ٿو يا نقصان ڪري سگهي ٿو تہ ٻوءِ ٻوڏ

جو چتاءُ ڏيڻ ۽ اهڙين ڌرين کي اڳواٽ اطلاع ڏيڻ جيڪي ان کان متاثر ٿي سگهن ٿيون.

**انتظاميا**:

(o) جملي رڪارڊ، رجسٽر ۽ انگ اکر سنڀالي رکڻ جن کي هن آرڊيننس هيٺ ضروري سمجهيو وڃي ٿو ۽ جن ۾ ميمبرن جي سڌاريل تازي لسٽ، انفرادي آبادگارن ۽ زميندارن جا پاڻيءَ وارا حق ۽ ٻين ملڪيتن رکندڙن جا حق يعني هاري ۽ پاڻيءَ جو غير زرعي استعمال ڪندڙ ماڻهو، شامل آهن.

(p) عام رواجي ڪاروباري طريقي سان پنهنجن ڪاروباري معاملن کي قابليت سان منظم ڪرڻ.

**ٻيا ڪم**:

(q) ٻيا ڪي به ڪم ڪرڻ جيڪي هن آرڊيننس هيٺ آبادگار تنظيمن کي سونپيل ناهن.

47 ـ **انتظامي بورڊ**:

(1) جنرل باڊيءَ جي مجموعي ضابطي ۽ رهنمائيءَ ۾، آبادگار تنظيم جي روزمره جي معاملن جي سنڀال هڪ انتظامي بورڊ ڪندو.

**چونڊيل ميمبر**:

(a) چيئرمين

(b) نائب چيئرمين

(c) سيڪريٽري

(d) خزانچي

(e) اضافي ميمبر)

طئي ٿيو ته مٿي ڄاڻايل سڀئي عهديدار آبادگار تنظيم جي جنرل باڊيءَ طرفان جوڙيل قاعدن هيٺ چونڊيا ويندا.





وڌيڪ طئي ٿيو ته انهن مان گهٽ ۾ گهٽ 3 ميمبر ننڍي يا وڏي شاخ جي پڇڙيءَ ۾ "ڊبليو سي اي" يا "ڊي بي جي" جا نمائندا هوندا، جتي آبادگار تنظيم قائم ٿي آهي، جي نه آهي ته پوءِ اهي ننڍا آبادگار هوندا.

**غير سرڪاري ميمبر**:

(f) ان تعلقي جو ناظم جنهن کي ابادگار تنظيم جي آباديءَ لائق زمين واري حدن ۾ وڌيڪ ايراضي اهي سو ميمبر ٿيندو، پر ڪيس ووٽ جو حق نه هوندو، طئي آهي ته ناظم صرف هڪ آبادگار تنظيم پاران ميمبر ٿيندو.

**صلاحڪار ميمبر**:

(g) اسٽاف ميمبر، يا جيڪڏهن عملي ۾ هڪ کان وڌيڪ ميمبر آهن ته پوءِ سينيئر ميمبرُ بورڊ جو صلاحڪار ميمبر ٿيندو.

**ڪوئيل صلاحڪار ميمبر**:

(h) آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام جو ڪو فني ماهر جنهن کي بورڊ دعوت ڏئي ڪوئي مميبر ڪندو سو ميمبر طور ڪم ڪندو، پر هن کي ووٽ جو حق نه هوندو.

(2) انتظامي بورڊ جو ميمبر پنهنجي هٿ سان لکت ذريعي استعيفا ڏئي سگهندو.

(3) جنرل باڊي پنهنجن شرطن تي عام يا خاص حڪم ذريعي:

(a) چيئرمين کي

(b) انتظامي بورد يا ان جي ڪنهن ميمبر کي

(c) "ڊبليو سي اي" يا "ڊي بي جي" کي

(d) يا آبادگار تنظيم جي عملي کي

پنهنجا ڪي به اختيار اڻ ڄاڻايل مدي لاءِ (جيستائين واپس نه ٿا ورتا وڃن) يا طئي ڪيل مدي لاءِ منتقل ڪري سگهي ٿي.

(4) سيڪشن 5، سب سيڪشن (6) کان (8) ضروري تبديلين سان لاڳو ٿيڻ جوڳا آهن.

**48 ـ <u>جنرل باڊيءَ طرفان برطرف ڪرڻ</u>:**

(1) جنرل باڊي، چيئرمين يا انتظامي بورڊ جي ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي. جيڪڏهن هو سيڪشن6، مطابق سيڪشن 7، سب سيڪشن 2 ۽ 3 جي زمري ۾ اچي وڃي ٿو.

**49 ـ <u>انتظامي بورڊ طرفان برطرف ڪرڻ</u>:**

سيڪشن 48- ضروري تبديلين سان لاڳو ٿيندو.

**50 ـ <u>انتظامي بورڊ جون گڏجاڻيون</u>:**

(1) چيئرمين، انتظامي بورڊ جي جوڙيل قاعدن جي روشنيءَ ۾ انتظامي بورڊ جون گڏجاڻيون بورڊ جي سيني ميمبرن کي ڪافي وقت اڳواٽ نوٽيس ڏئي گهرائي سگهي ٿو.

(2) سيڪشن 9 ضروري تبديلين سان انتظامي بوڙڊ جي گڏجاڻين تي لاڳو ٿي سگهي ٿو.

**51 ـ <u>پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيون (ڊبيلو اي سي)</u>:**

(1) هرهڪ آبادگار تنظيم (ايف او) هڪ ”پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي“ (ڊبليو اي سي) قائم ڪندي ۽ ان کي هلائيندي.

(2) آبادگار تنظيم جي سطح تي ڊبليو اي سي هيٺين ماڻهن تي ٻڌل هوندي:

(a) ايريا واٽر بورڊ جو هڪ نمائندو، جنهن وٽان آبادگار تنظيم پنهنجو پاڻي حاصل ڪري ٿي.





(b) آبادگار تنظيم جا چار چونڊيل ميمبر، جن مان هڪ آبادگار شاخ جي منڍ جو هوندو (مائينر يا ڊسٽريبيوٽريءَ جي منڍ کان سندس جملي ڊيگهه جي 33 سيڪڙي جيتري مفاصلي تي واقع)، هڪ آبادگار شاخ جي وچين حصي وارو هوندو (مائينر يا ڊسٽري بيوٽريءَ) جي منڍ کان پڇڙيءَ وچ ۾ سندس جملي ڊيگهه جي 33 کان 70 سيڪڙي جيتري مفاصلي وچ ۾ واقع)، هڪ پڇڙيءَ وارو آبادگار هوندو (جيڪو يا ڊسٽريبيوٽريءَ جي منڍ ۽ پڇڙيءَ وچ ۾ شاخ جي 70 سيڪڙو ڊيگهه تي ابادي ڪندو هوندو) ۽ هڪ ننڍو آبادگار هوندو.

(c) هڪ نمائندو پاڻي استعمال ڪندڙ ٻين ماڻهن مان هوندو (پيئڻ جو پاڻي، ڪارخانن لاءِ پاڻي) جيڪڏهن ڪي ٻيا ماڻهو پڻ آبادگار تنظيم کان پاڻي حاصل ڪري رهيا آهن.

(d) هڪ نمائندو ان يونين ڪائونسل جو هوندو، جنهن وٽ آبادگار تنظيم جي حد اندر گهٽي ۾ گهٽي ايراضي هوندي.

ڊبليو اي سي دعوت ڏئي اڻ ڏرين ماهرن کي صلاحڪار ميمبر ڪري سگهي ٿي، جن کي ووٽ جو حق نہ هوندو.

(3) سيڪشن 13، سب سيڪشن (3)، (4) ۽ (5) ضروري تبديلين سان لاڳو ٿيندا.

(4) آبادگار تنظيم جي سطح تي پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽيءَ جا هيٺيان ڪم هوندا.

(a) شاخ جي سطح تي پاڻي منظور ڪندڙ ڪميٽي گهرو ڳانڍاپو رکندي، مختلف واٽر ڪورسن ۽ غير زرعي پاڻي استعمال ڪندڙن جي پاڻيءَ وارن حقن لاءِ هڪ سلسليوار بنياد قائم ڪندي، جنهن جو دارومدار ڊزائين سي سي اي، تاريخي وهڪري، حقيقي سي سي اي، پاڻيءَ جي حالتن ۽ خاص حالتن جهڙوڪ: پيئڻ جي پاڻيءَ جي ضرورتن

تي هوندو. ان سلسلي ۾ سوڪهڙي واري وقت دوران پاڻيءَ جي حقن ۾ ورڇ جو خاص خيال رکيو ويندو.

(b) پاڻي واپرائيندڙ ڪميٽي (ڊبليو سي اي) جي پاڻيءَ جو حصو، پاڻيءَ جي عام رواجي موجودگيءَ جي بنياد تي ۽ هفتيوار وارابنديءَ سان طئي ڪرڻ (ابتدائي طور ڊزائين وهڪري جي بنياد تي، جنهن کان وءِ پاڻيءَ واري نظام جي ڍانچي، تاريخي وهڪري ۽ مارڪيٽ جي اصولن وارين مجبورين جي روشنيءَ ۾ پاڻيءَ جي حقن کي طئي ڪرڻ لاءِ ڳالهيون ڪيون وينديون)

ان سلسلي ۾ هڪ رجسٽر رکيو ويندو، جنهن ۾ پاڻيءَ جا اهڙا حق درج ٿيل هوندا.

(c) وقت به وقت پاڻيءَ جي حقن وارو اهو رجسٽر چڪاسيو ويندو (گهٽ ۾ گهٽ هر موسم ۾ هڪ دفعو) ۽ ان ڳالهه کي يقيني بڻايو ويندو ته رجسٽر کي صحيح طريقي سان، وقت به وقت ۽ سلسليوار سڌاريو وڃي ٿو.

(d) هر موسم دوران، هفتيوار بنياد تي، مختلف "ڊبليو سي اي" وارين تنظيمن لاءِ پاڻيءَ جو مقدار طئي ڪيو ويندو ۽ ان لاءِ طئي ٿيل پاڻيءَ جي حقن کي ڏنو ويندو (يا ڊزائين وهڪري جي پٽاندر يا جيئن ضروري هجي)، موسم دوران اڳڪٿي ڪيل پاڻيءَ جي مقدار ۾ هر آبادگار تنظيم کي خاص خيال ۾ رکيو ويندو.

(e) پاڻيءَ جي رٿيل ورڇ پاڻيءَ جي موجود مقدار آهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ـ جيڪڏهن رٿيل ۽ اڳڪٿي ڪيل پاڻيءَ ۾ فرق آهي.

(f) ان کي يقيني بڻايو ويندو ته صحيح جاين تان مناسب وقفي اندر پاڻيءَ جي وهڪري جون ماپون صحيح ورتل آهن (فني لحاظ کان ۽ ايمانداريءَ سان).





(g) پاڻيءَ جي رٿيل وهڪري ۽ حقيقي وهڪري جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪرڻ ۽ فرق ظاهر ڪرڻ.

(h) فقري (f) هيٺ پاڻيءَ جي ڀيٽ، ماهوار بنياد تي ڇپائي پڌري ڪري آبادگار تنظيم جي ميمبرن، واٽر ڪورس ايسوسيئيشن ۽ پاڻي استعمال ڪندڙ ٻين ماڻهن کي مهيا ڪرڻ، اهڙي نموني جيئن ڪميٽي ميمبر طئي ڪن.

(i) مائينر، ڊسٽريبيوٽري يا ڊبليو سي اي جي منڍ تي موجود پاڻيءَ جي نظام واري ڍانچي ۽ سار سنڀال سان تعلق رکندڙ ڪم طئي ڪرڻ ته جيئن ضرورت مطابق پاڻيءَ جي ورڇ کي ممڪن بڻائي سگهجي.

(j) پاڻيءَ جي مقدار بابت بحث مباحثي جي سلسلي ۾ گهڻ جماعتي پليٽفارم طور ڪم ڪرڻ.

- آبادگار تنظيم جي سطح تي پاڻي استعمال ڪندڙن جون شڪايتون وصول ڪرڻ ۽ انهن جو اڀياس ڪرڻ.
- ضرورت هجي ته گڏجاڻيون ڪوٺائڻ.
- آبادگار تنظيم جي سطح تي دلچسپي رکندڙ ماڻهن جي راين کان واقف ڪرڻ.
- ضروري هجي ته پاڻيءَ جي مقدار يا پاڻيءَ جي حقن تي بحث مباحثا ڪرائڻ.

(k) برانچ سطح تي، ڊبليو اي سي سان گهري ڳانڍاپي ۾ رهي، ضرورت مطابق ترجيحن ۾ تبديلين ۽ پاڻي استعمال ڪندڙ نون ماڻهن کي شامل ڪرڻ بابت ڳالهيون هلائڻ.

(l) ساليانو گڏجاڻي ڪرڻ جنهن ۾ ڪميٽي جي ڪمن جو جائزو وٺڻ ۽ ڪارروائيءَ جا تفصيل آبادگار تنظيم جي سڀني ميمبرن کي مهيا ڪرڻ.

**52 ـ عوامي صلاحڪار ڪميٽي (سي اي سي):**

(1) مقامي ماڻهن سان بهتر ڳانڍاپو پيدا ڪرڻ جي مقصد لاءِ، جتي سندن ڪم جو دائرو آهي، آبادگار تنظيمون هڪ عوامي صلاحڪار ڪميٽي (سي اي سي) قائم ڪري سگهن ٿيون.

(2) عوامي صلاحڪار ڪميٽيون هيٺين تي مشـــتمل هونديون:

(a) انهيءَ آبادگار تنظيم جا چار نمائندا جنهن جي حد ۾ ڪو معاملو موجود آهي. ان ۾ آبادگار تنظيم جي نمائندن مان پڇڙيءَ وارا اهڙا آبادگار هوندا، جيڪي پنهنجي آبادگار تنظيم جي جنرل باڊيءَ جا ميمبر نہ هوندا.

(b) مقامي اختياريءَ جا چار نمائندا جنهن جي حد ۾ ڪو معاملو موجود آهي. انهن نمائندن مان ٻہ نمائندا واسطيدار مقامي اختياريءَ ۾ عهديدار هوندا.

(c) مٿي ڄاڻايل (a) ۽ (b) وارن فقرن ۾ ڄاڻايل ميمبر ڪن خودمختيار ماهرن کي دعوت ڏئي ڪميٽين جا صلاحڪار ميمبر ڪندا. انهن ماهرن کي اهڙن مختلف شعبن ۾ مهارت حاصل هئڻ گهرجي جيڪي هتي لاڳاپيل آهن.

(3) سب سيڪشن (1) ۽ (2) سان گڏ سيڪشن 14 ضروري تبديلين سان عوامي صلاحڪار ڪميٽي سان لاڳو ٿيندو.

**53 ـ آبادگار تنظيم جو خاتمو:**

(1) ڪنهن ابادگار تنظيم جو خاتمو رضاڪارانہ طور يا عدالت طرفان ٿي سگهي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح ڪمپنيز آرڊيننس 1984ع جا فقرا اهڙين حالتن ۾ لاڳو ٿيندا.





(2) آبادگار تنظيم جي ختم ٿيڻ کان پوءِ، ان آبادگار تنظيم جا اضافي اثاثآ نگران اختياريءَ ڏانهن منتقل ٿي ويندا. جيستائين آبادگار تنظيم جي جاءِ تي ٻي تنظيم نهي راس ٿئي.

**54 ـ آبادگار تنظيم سان لاڳو ٿيندڙ ٻيا قانوني فقرا:**

سيڪشن 8، 16، 17، 81، 19، 20، 21، 22، 23، 24 ۽ 27 ضروري تبديلين سان آبادگار تنظيمن سان لاڳو ٿيندا.

باب ـ 5

# واٽرڪورس ايسوسيئيشن

## (ڊبليو سي اي)

**55 ـ جوڙجڪ:**

(1) ڪنهن مقامي علائقي ۾، اڻ چونديل آبادگارن جو گروپ، آبادگارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ان جي خدمت واري ڪم کي بهتر بڻائڻ لاءِ هڪ واٽر ڪورس تنظيم (ڊبليو سي اي) قائم ڪري سگهي ٿو، ۽ رضاڪارانه متحرڪ ڪردار ۽ پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي ضروري قدم کڻي سگهي ٿو.

(2) جنهن شاخ جي زميندارن ۽ مقاطعيدارن جي گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي اڪثريت واٽر ڪورس جماعت قائم ڪرڻ لاءِ راضپو ڏيکاري ٿي ته اهي آبادگار تنظيم کي اهڙي درخواست ڏئي سگهن ٿا. جيڪڏهن انهيءَ علائقي ۾ ڪا آبادگار تنظيم وجود نه ٿي رکي ته ٻه آبادگار اهڙي درخواست ڏئي سگهن ٿا.

جيڪڏهن انهيءَ علائقي ۾ ڪا آبادگار تنظيم وجود نه ٿي رکي ته اهڙي درخواست کي آبادگار تنظيم قائم ڪرڻ لاءِ گذارش تصور ڪيو ويندو. ان صورتحال ۾ درخواست، نگران اختياريءَ کي موڪلي ويندي، جيڪا پوءِ واٽر ڪورس جماعت جي داخلا ڪندي.

(3) واٽر ڪورس جماعت جي ايراضيءَ جون حدون انهيءَ شاخ جي حد سان ملندڙ جلندڙ هونديون، جنهن جو نالو انهيءَ شاخ تان رکيو ويندو ۽ ان جون حدون علائقي جي نقشي تي اسڪيل سان ماپي ايتريون رکيون وينديون، جيڪي مقصد جي پورائي لاءِ ڪافي هجن.



سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002ع

**56 ـ داخلا:**

(1) واٽر ڪورس جماعتن جا ميمبر، ان شاخ تان پاڻي حاصل ڪندڙ زميندار ۽ مقاطعيدار هوندا. ميمبرن جي لسٽ ابادگار تنظيم وٽ جمع ڪئي ويندي، جيڪا واٽر ڪورس جماعتن کي رجسٽريسن سرٽيفڪيٽ ڏيندي ۽ اهو سرٽيفڪيٽ ثابت ڪندو ته اها واٽر ڪورس جماعت ابادگار تنظيم جي ميمبر آهي.

(2) آبادگار تنظيم اڳ ۾ ذڪر ٿيل سيڪشن جي روشنيءَ ۾ درخواست ملڻ جي 60 ڏينهن اندر ان شاخ تان پاڻي کڻندڙ سيني ماڻهن جي گڏجاڻي ڪوٺائيندي. جيڪڏهن انهن ماڻهن مان گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي تعداد جي ماڻهن واٽر ڪورس جماعت ناهڻ لاءِ نهراءَ زريعي رضامنديءَ جو اظهار ڪيو ته پوءِ انهيءَ شاخ جي سيني ماڻهن کي واٽر ڪورس جماعت جو ميمبر سمجهيو ويندو ۽ باقي ماڻهن کان رضامنديءَ بابت پڇڻ جي ضرورت نه هوندي.

(3) آبادگار تنظيم، واٽر ڪورس جماعت کي شاخ جي نالي سان رجسٽر ڪندي ۽ اهو رجسٽر ان مقصد لاءِ سنڀالي رکندي. ان ۾ باقي تفصيل اهي ڏنل هوندا، جيڪي آبادگار تنظيم ڄاڻائيندي.

(4) واٽر ڪورس جماعت جي ميمبرن جي لسٽ طئي ڪيل طريقي سان هر سال نظرثانيءَ هيٺ ايندي ۽ ان کي رڪارڊ تي رکيو ويندو.

**57 ـ تنظيم:**

(1) آبادگار تنظيم طرفان طئي ڪيل قاعدن مطابق واٽر ڪورس تنظيم جو بورڊ واٽر ڪورس تنظيم جي ميمبرن طرفان چونڊيل گهٽ ۾ گهٽ ٽن ۽ وڌ ۾ وڌ پنجن ميمبرن تي ٻڌل هوندو.

(2) واٽر ڪورس تنظيم جا ميمبر راضپو ڏيکاري سگهن ٿا ته هڪ يا وڌيڪ ڪامورن کي ووٽ جي حق بنا بورڊ جو ميمبر مقرر ڪيو وڃي.

(3) سيڪشن 5، سب سيڪشن (6) کان (8) ضروري تبديلين سان لاڳو ٿيندا.

(4) واٽر ڪورس تنظيم جي داخل جملي ميمبرن جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي تعداد جيڪڏهن ڪنهن معاملي جي حمايت ڪري ٿو ته اهو منظور ڪيل سمجهيو ويندو.

**58 ـ چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري جا شرط:**

(1) هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کان پوءِ پهريون مدو ٻن سالن ۽ پوءِ ٽئن سالن جو هوندو.

(2) بورڊ پنهنجن چونڊيل ميمبرن مان چيئرمين، سيڪريٽري ۽ خزانچي چونڊيندو بشرطيڪ ساڳيو ميمبر، سيڪريٽري ۽ خزانچي طور چونڊيو وڃي.

(3) بورڊ جو ڪوبه چونڊيل ميمبر بورڊ تي ٻن لاڳيتن مدن کان وڌيڪ ڪم نه ڪندو.

(4) بورڊ جو چيئرمين بورڊ جي گڏجاڻي سڏائيندو ۽ ان جي صدارت ڪندو. اُن جي غير حاضريءَ ۾ چيئرمين طرفان نامزد ڪيل بورڊ جو ڪو چونڊيل ميمبر صدارت ڪندو.

(5) واٽر ڪورس تنظيم ۽ بورڊ جي گڏجاڻين جون ڪارروايون درج ڪرڻ لاءِ سيڪريٽري ذميوار هوندو. هو رڪارڊ بهتر نموني محفوظ جاءِ تي سنڀالي رکندو.

(6) واٽر ڪورس تنظيم جو اڪائونٽ خزانچي رکندو.

(7) واٽر ڪورس تنظيم جي اڪائونٽ مان جيڪي به پئسا ڪڍايا ويندا، انهن جا چيڪ چيئرمين ۽ خزانچي صحيح ڪندا.

(8) ٻيو سمورو لکيل مواد چيئرمين ۽ سيڪريٽري صحيح ڪندا، سواءِ نيڪن ۽ ٻين اهڙن واٽر ڪورس تنظيم جي نهرائن جي جيڪي ان بدران آبادگار تنظيم صحيح ڪندي.





(9) چيئرمين ۽ بورڊ جا چونڊيل ميمبر واٽر ڪورس تنظيم جي ميمبرن ٻاران طئي ڪيل اجورو ۽ الائونس حاصل ڪري سگهندا.

**59 ـ واٽرڪورس تنظيم جا ڪم:**

واٽر ڪورس تنظيم جا اهي ڪم هوندا، جيڪي آبادگار تنظيم ڪيس سونپيندي اهي هيٺينءَ ريت هوندا:

(a) واٽر ڪورس ۽ ان مان نڪرندڙ ڪَسين ڪي هلائڻ، سڌارڻ ۽ بحال ڪرڻ.

(b) مٽاچري يا جر جي پاڻيءَ جي ذريعن جي پهچ ۾ سڌارو آڻڻ.

(c) موگهن ڪي هلائڻ ۽ انهن ڪي وڌائڻ جي منظوري ڏيڻ.

(d) ٽيوب ويل ۽ لفٽ پمپ هڻڻ جي جاءِ طئي ڪرڻ، انهن جي مالڪي ڪرڻ، هلائڻ ۽ سنڀالڻ.

(e) پاڻي ڏيڻ جو شيڊيول طئي ڪرڻ، منظور ڪرڻ ۽ ورهائڻ، ڪم جي نگراني ڪرڻ ۽ ان ڪي يقيني بڻائڻ ته هر ميمبر ڪي پنهنجي پاڻيءَ جو حصو مناسب وقت تي پورو ملي ٿو.

(f) چنڊ (نيڪال ) جي جاءِ طئي ڪرڻ، انهن جي تعمير، سنڀال ۽ سڌارو.

(g) واٽر ڪورس جي وهڪري ۾ ايندڙ تبديلين، ان جي هلائڻ دوران ان مان رڪاوٽون دور ڪرڻ.

(h) واٽر ڪورس جي عام رواجي ۽ هنگامي مرمت دوران ۽ ٻين مفادن خاطر مزدوريءَ جي ڪم ڪي منظم ڪرڻ.

(i) عام ۽ خاص جائزي ونڻ جو فيصلو ڪرڻ ۽ ان ڪي منظم ڪرڻ.

(j) ان ڪي يقيني بڻائڻ ته واٽر ڪورس تنظيم جا سڀ ميمبر واٽر ڪورس جي سڌاري، سنڀال ۽ طئي ٿيل ڪم آهر پنهنجي حصي جي مزدوري ۽ خرچ ۾ ڀاڱي ڀائيوار ٿين ٿا.

(k) زمينن ۽ واٽر ڪورس جي حد ۾ پاڻيءَ جي استعمال ۽ نيڪال کي سڌارڻ وارن پروگرامن ۾ شريڪ ٿيڻ.

واٽر ڪورس تنظيم (ڊبليو سي اي) جو بورڊ واٽر ڪورس تنظيم جي سرگرمين جو بهترين ڪارڪردگيءَ سان انتظام ڪندو ۽ انهن جي نظرداري ڪندو.

**60 - واٽر ڪورس تنظيم جي عدم ڪارڪردگي:**

(1) جيڪڏهن واٽر ڪورس تنظيم جو بورڊ، اندروني تڪرار يا ان جي چيئرمين ۽ چونڊيل ميمبرن جي استعيفا سبب آبادگار تنظيم کان ملندڙ آبپاشيءَ واري پاڻيءَ جي ورڇ ۽ ان جي سار سنڀال لهڻ جو اهل ناهي رهيو ته پوءِ واٽر ڪورس تنظيم، آبادگار تنظيم کي گذار ش ڪري سگهي ٿي ته واٽر ڪورس جا ڪم هلائڻ لاءِ ڪو قائم مقام شخص مقرر ڪيو وڃي. جيڪو واٽر ڪورس جماعت جا ڪم سرانجام ڏئي، جيستائين نئون بورڊ چونڊيو وڃي.

(2) اهڙيءَ درخواست تي آبادگار تنظيم طرفان ويچارڻ لاءِ سمورن ميمبرن جي ٽئين حصي جي حمايت ضروري آهي.





باب - 6

# پاڻيءَ جي نيڪال جو لاڀ حاصل ڪندڙ گروهه

**[ڊرينيج بينيفشريز گروپ (ڊي بي جي)]**

**61 - جوڙجڪ:**

(1) ڪنهن مقامي علائقي ۾ اڻ چونڊيل آبادگارن جو دلچسپي وٺندڙ گروهه رضاڪارانه طور، همت سان ۽ پنهنجي مدد پاڻ جي بنياد تي پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام لاءِ اڳتي قدم کڻي سگهي ٿو.

(2) جيڪڏهن پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام جو استعمال ڪندڙ زميندارن يا مقاطعيدارن جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي تعداد "پاڻيءَ جي نيڪال مان لاڀ حاصل ڪندڙ گروهه" (ڊي بي جي) قائم ڪرڻ لاءِ رضامند ٿين ٿا ته اهي آبادگار تنظيم کي اهڙي گذارش ڪري سگهن ٿا.

جيڪڏهن اتي آبادگار تنظيم موجود ناهي ته پوءِ اهڙي درخواست کي آبادگار تنظيم قائم ڪرڻ لاءِ ڏنل درخواست تصور ڪيو ويندو. ان صورت ۾ درخواست، نگران اختياري (ريگيوليٽري اٿارٽي) کي موڪلي ويندي. جيڪا ان جي داخلا ڪندي.

(3) "ڊي بي جي" واري ايراضيءَ جون حدون نيڪال واري نظام جي حدن سان ملندڙ جلندر هونديون، جيڪي "ڊي بي جي" جو نالو طئي ڪنديون ۽ زمين جي نقشي تي ماپ ڪري ان مقصد لاءِ موزون حدون طئي ڪنديون.

**62 - "ڊي بي جي" جي داخلا:**

(1) ميمبر ئي "ڊي بي جي" جي جوڙجڪ ڪندا.

(2) "ڊي بي جي" جا ميمبر پاڻيءَ جي نيڪال جو لاڀ حاصل ڪندڙ پڪا ميمبر هوندا. ميمبرن جي لسٽ آبادگار تنظيم وٽ جمع هوندي جيڪا "ڊي

بي جي" جي داخلا جو سرٽيفڪيٽ ڏيندي ۽ اهڙو سرٽيفڪيٽ ثابت ڪندو ته "ڊي بي جي"، آبادگار تنظيم جي ميمبر آهي.

(3) سب سيڪشن (2) هيٺ آبادگار تنظيم درخواست حاصل ڪرڻ جي 60 ڏينهن اندر پاڻيءَ جي نيڪال مان لاڀ حاصل ڪندڙ سيني ماڻهن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائيندي ۽ گڏجاڻيءَ ۾ جيڪڏهن ميمبرن جو گهٽ ۾ گهٽ ٻه ڀاڱي ٽي تعداد ٺهراءُ پاس ڪري "ڊي بي جي" قائم ڪرڻ لاءِ رضامندي ڏيکاري ٿو ته پوءِ اهي سيئي ماڻهو "ڊي بي جي" جا ميمبر تصور ڪيا ويندا ۽ باقي ميمبرن کان رضامندي وٺڻ ضروري نه ٿيندي.

(4) آبادگار تنظيم، "ڊي بي جي" کي پاڻي نيڪال جي نظام واري نالي ۾ داخل ڪندي ۽ ان جو رجسٽر ۾ رڪارڊ داخلا جي صورت ۾ رکندي. جيڪو ان مقصد خاطر سنڀالي رکيو ويندو ۽ ان ۾ اهي تفصيل درج ڪيا ويندا، جيڪي آبادگار تنظيم طرفان ڄاڻايل هوندا.

(5) آبادگار تنظيم طرفان ڪيل داخلا واري فيصلي خلاف اپيل نگران اختياريءَ کي ڪري سگهجي ٿي.

(6) "ڊي بي جي" وارن ميمبرن جي لسٽ طئي ڪيل طريقي ڪار موجب هر سال نظرثانيءَ هيٺ ايندي ۽ ان کي نئين سر تيار ڪيو ويندو.

**63 ـ "ڊي بي جي" جي تنظيم:**

(1) "ڊي بي جي" جو بورڊ ابادگار تنظيم جي قائم ڪيل قاعدن مطابق "ڊي بي جي" جي جملي ميمبرن مان چونڊ ڪري گهٽ ۾ گهٽ 3 ۽ وڌ ۾ وڌ 5 رکيو ويندو.

(2) "ڊي بي جي" جا ميمبر طئي ڪري سگهن ٿا ته ان جي بورڊ ۾ هڪ يا وڌيڪ سرڪاري ڪامورا بنا ووٽ جي حق رکڻ جي مقرر ڪيا وڃن.

(3) سيڪشن (5)، سب سيڪشن (6) کان (8) تائين ضروري تبديلين سان لاڳو ٿيندو.



سنڌ واٽر مئنيجمنيٽ آرڊيننس 2002ع

(4) ڪوبه معاملو بورڊ پاران منظور ٿيل سمجهيو ويندو. جيڪڏهن "ڊي بي جي" جي سمورن ميمبرن مان ٻه ڀاڱي ٽي تعداد جي ميمبرن ان جي حمايت ڪئي آهي.

**64 ـ چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري جا شرط:**

(1) هن آرڊيننس جي موثر ٿيڻ کان پوءِ ملازمت جو پهريون مدو ٻه سال هوندو، ان کان پوءِ اهو مدو چار سال هوندو.

(2) بورڊ پنهنجن ميمبرن مان چيئرمين، سيڪريٽري ۽ خزانچي چونڊيندو، بشرطيڪ ساڳيو ميمبر ٻنهي عهدن، سيڪريٽري ۽ خزانچي طور چونڊجي اچي.

(3) ڪوبه چونڊيل ميمبر ٻن لاڳيتن مدن کان وڌيڪ بورڊ تي نه رهندو.

(4) بورڊ جو چيئرمين بورڊ جون گڏجاڻيون سڏائيندو ۽ انهن جي صدارت ڪندو. پر اُن جي غير حاضريءَ ۾ اُن طرفان نامزد ڪيل بورڊ جو ڪو چونڊيل ميمبر گڏجاڻيءَ جي صدارت ڪندو.

(5) ڊي بي جي وارين بورڊ جي گڏجاڻين جون ڪارروايون درج ڪرڻ سيڪريٽريءَ جي ذميواري هوندي. هو بهتر طور ان جو رڪارڊ محفوظ جاءِ تي رکڻ جو بندوبست ڪندو.

(6) خزانچي ڊي بي جي جا اڪائونٽ سنڀاليندو.

(7) سمورا لکت وارا ڪاغذ چيئرمين ۽ سيڪريٽري صحيح ڪندا. سواءِ نيڪن ۽ ٻين اهڙن معاهدن جي جيڪي ڊي بي جي پاران آبادگار تنظيم صحيح ڪندي.

(8) ڊي بي جي واري اڪائونٽ مان پيسا ڪيرائڻ لاءِ چيئرمين ۽ خزانچيءَ جي صحيح گهربل هوندي.

(9) چيئرمين ۽ چونڊيل ميمبر ڊي بي جي وارن ميمبرن طرفان طئي ڪيل فيصلي مطابق اجورو ۽ الائونس حاصل ڪري سگهندا.

**65 ـ ڊي بي جي جا ڪم:**

(1) ڊي بي جي جا اهي ڪم هوندا جيڪي آبادگار تنظيم ان کي سونپيندي، اهي هيٺينءَ ريت هوندا:

(a) پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام ۽ ان سان لاڳاپيل سرشتي جو ڍانچو هلائڻ، سنڀالڻ، سڌارڻ ۽ بحال ڪرڻ.

(b) ٽيوب ويل ۽ لفٽ پمپ هڻڻ جي جاءِ طئي ڪرڻ، انهن جي مالڪي ڪرڻ، هلائڻ ۽ سنڀال لهڻ.

(c) زمين جي ٻاهرين نالين جي جاءِ طئي ڪرڻ، تعمير ڪرڻ، سنڀالڻ ۽ سڌارڻ.

(d) وهڪري جي تبديلي، ڪم ڪرڻ دوران ۽ سنڀال لهڻ وقت پاڻيءَ جي نيڪال وارين نالين مان رڪاوٽون دور ڪرڻ.

(e) نالين جي عام ۽ هنگامي مرمت ۽ ٻين مقصدن لاءِ مزدوريءَ واري ڪم جو انتظام ڪرڻ.

(f) عام ۽ خاص جائزي وٺڻ وارو ڪم طئي ڪرڻ ۽ ان ۾ سهڪار ڪرڻ.

(g) قرض ۽ امداد وٺڻ لاءِ ناهه ڪرڻ ۽ ادائيگين جو شيڊيول طئي ڪرڻ.

(2) ڊي بي جي وقت به وقت پنهنجي طئي ڪيل شرطن پٽاندر مزدور ڀرتي ڪري سگهندي.

**66 ـ ڊي بي جيءَ جي عدم ڪارڪردگي:**

(1) جيڪڏهن ڊي بي جي جو بورڊ اندروني تڪرار، يا اختلاف يا سندس چيئرمين ۽ چونڊيل ميمبرن جي استعيفائن سبب پنهنجي حد مان نيڪال وارو پاڻي جمع ڪرڻ ۽ وهائڻ واري ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ اهل نه ٿو رهي ته پوءِ ڊي بي جي وارا ميمبر ابادگار تنظيم کي





گذارش ڪري سگهن ٿا ته اها ڪو قائم مقام شخص مهيا ڪري. جيڪو تيستائين ڊي بي جي جا ڪم سنڀالي جيستائين ان جو نئون بورڊ چونڊجي اچي.

(2) اهڙي گذارش تي آبادگار تنظيم طرفان ويچارڻ لاءِ ضروري آهي ته ڊرينيج بينيفشريز گروپ جي ميمبرن جو ٽيون حصو ان جي حمايت ڪري.

باب ـ 7

# آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ کان بچاءَ واري
# نگران اختياري

**67 ـ قيام:**

هن آرڊيننس تي عمل شروع ٿيڻ کان پوءِ جيترو جلد تي سگهندو، سنڌ جو گورنر، آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري نگران اختياري قائم ڪندو.

**68 ـ نگران اختياريءَ جي قانوني حيثيت:**

(1) هن آرڊيننس هيٺ، نگران اختياري هيٺينءَ ريت هوندي:

(a) اها باڊي ڪارپوريٽ (گڏيل تنظيم) هوندي، دائمي وراثت رکندڙ هوندي. ڪيس عام مُهر هوندي ۽ ساڳي نالي سان دعويٰ ڪري سگهندي ۽ هن خلاف دعويٰ تي سگهندي.

(b) ڪيس مقاطعي ونڻ، ملڪيت رکڻ، ملڪيت خريد ڪرڻ ۽ وڪري ڪرڻ جا اختيار هوندا سواءِ ان جي تہ اها سرڪاري زمين رکي يا وڪرو ڪري نہ سگهندي ۽ ان کي سرڪار لاءِ ٽرسٽ طور رکندي.

(c) پنهنجي ڪاروباري معاملن هلائڻ جي سلسلي ۾ خودمختيار فيصلا ڪري سگهندي.

(2) نگران اختياري حيدرآباد ۾ قائم رهندي.

**69: نامزد پئنل جي جوڙجڪ:**

(1) نگران اختياريءَ جا ميمبر گورنر نامزد ڪندو. اهڙي نامزدگي ڪندي، گورنر نامزد ڪيل پينل جي ڏنل صلاح جي پوئيواري ڪندو. جيڪو هيٺين ماڻهن تي ٻڌل هوندو:

(a) سيدا جو چيئرمين



سنڌ واٽر مئنيجمنيٽ آرڊيننس 2002ع

(b) ٻن ايريا واٽر بوردن جا چيئرمين جن وٽ گهٽي کان گهٽي آباد زمين جي حد هوندي.

(c) ٻن آبادگار تنظيمن جا چيئرمين جن وٽ گهٽي کان گهٽي آباد زمين جي حد هوندي.

(d) ٻہ برک ماهر، جن کي پاڻيءَ جي نظام هلائڻ واري شعبي ۾ مهارت حاصل هوندي.

(e) ٻہ برک وڪيل جن کي ويهن سالن جو تجربو هوندو.

(2) فقري (d) ۽ (e) هيٺ پئنل جا ميمبر فقري (a)، (b) ۽ (c) مطابق ميمبر نامزد ٿيندا.

(3) جيڪڏهن گورنر نامزدگيءَ جي صلاح ڏيندڙ پئنل سان متفق نہ ٿو ٿئي تہ پوءِ هو نامزدگيءَ واري پئنل کي صلاح تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ چوندو ۽ اها صلاح آخري هوندي.

**70- نگران اختياريءَ جي جوڙجڪ:**

(1) نگران اختياريءَ جو هڪ چيئرمين ۽ ٻيا ميمبر هوندا. جيڪي سُٺي ڪردار ۽ قابليت وارا ماهر هوندا ۽ خاص ڪري هيٺئين قسم جا شخص هوندا:

(a) هڪ خودمختيار شخص — چيئرمين

(b) ٻہ ميمبر هاءِ ڪورٽ جا وڪيل هوندا.

(c) ٻہ ميمبر برک ماهر هوندا، جن کي آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال وارن شعبن ۾ مهارت هوندي.

(d) ٻہ ميمبر برک ماهر هوندا، جن کي فنانس ۽ بزنس وارن شعبن ۾ مهارت حاصل هوندي.

(2) سيڪشن (5)، سب سيڪشن (2) کان (8) تائين ضروري تبديلين سان لاڳو ٿيندا.

(3) نگران اختياريءَ جو چيئرمين ۽ ميمبر هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل ٻي ڪنهن تنظيم جا عهديدار نہ هوندا.

71 ـ **برطرفي**:

گورنر، سواءِ غير سرڪاري چيئرمين ۽ غير سرڪاري ميمبر جي، نوٽيفڪيسن ذريعي چيئرمين يا ڪنهن ميمبر کي هٽائي سگهي ٿو جيڪڏهن اهو شخص:

(a) هن آرڊيننس هيٺ پنهنجيون ذميواريون نڀائڻ جو اهل ناهي.

(b) قرض کان آجو ٿيل ناهي ۽ ڊفالٽر آهي.

(a) ملازمت لاءِ نااهل قرار ڏنل آهي، سرڪاري ملازمت مان برطرف ٿيل آهي، يا غير اخلاقي جرم ۾ سزا ڪاٽل آهي.

(b) معزز عدالت طرفان ذهني توازن وڃايل شخص قرار ڏنل آهي.

(c) جيڪو ڄاڻي ٻجهي، سڌي يا اڻسڌيءَ طرح، حڪومت کان لکت ۾ ورتل اجازت کان سواءِ، اڪيلي سر يا ڪنهن حصيدار معرفت آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ جي بچاءَ واري ڊانچي جي ڪنهن ٺيڪي مان جزوي يا مڪمل طرح حصو پتي رکي ٿو يا ملازمت حاصل ڪئي اٿائين، يا ڪنهن زمين يا ملڪيت جي مالڪي رکي ٿو، اهو ڄاڻندي تہ انهيءَ نظام جي هلڻ ڪري هن کي ڪو فائدو ٿي سگهي ٿو يا اڳيئي ڪو فائدو حاصل ڪري چڪو آهي.

(d) هن جو عهدي تي رهڻ عوامي مفاد جي خلاف آهي.

بشرطيڪ اهڙي ڪنهن شخص خلاف ايستائين ڪو بہ قدم نہ کنيو ويندو، جيستائين هن کي پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ جو موقعو نہ مليو آهي.





72 ـ **اندروني برطرفي**:

(1) نگران اختياري، چيئرمين يا ميمبر کي هٽائڻ لاءِ گورنر کي سفارش ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن سوچ ويچار کان پوءِ اها ان خيال جي آهي تہ اهي سيڪشن 71 جي دائري ۾ اچن ٿا. يا هنن پنهنجين ذميوارين جي روشنيءَ ۾ بهتر انتظام هلائڻ يا خدمت ڪرڻ جو موقعو وڃائي ڇڏيو آهي.

(2) سب سيڪشن (1) هيٺ اهڙي برطرفيءَ لاءِ نگران اختياريءَ جي جوڙيل قاعدن مطابق ڪو هڪ ميمبر نهراءُ پيش ڪندو ۽ ٻيو ميمبر ان جي حمايت ڪندو.

73 ـ **چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري جا شرط**:

(1) نگران اختياريءَ جو چيئرمين ۽ ميمبر، گورنر طرفان طئي ڪيل شرطن مطابق پنهنجي آفيس جو ڪم سرانجام ڏيندا.

(2) هن آرڊيننس جي نافذ ٿيڻ کان پوءِ سندن ملازمت جو مدو ٻہ سال هوندو ۽ ان کان پوءِ چار سال ٿيندو.

(3) چيئرمين ۽ نامزد ڪيل ميمبر پنهنجي ملازمت جا صرف ٻہ لاڳيتا مدا ماڻي سگهندا.

74 ـ **نگران اختياريءَ جا فرض**:

(1) نگران اختياريءَ جي خاص جوابداري هن آرڊيننس جي قانوني نقطن جي پوئيواري هوندي.

(2) ان سان گڏ، نگران اختياري سيڊا، ايريا واٽر بورڊن، آبادگار تنظيمن ۽ ٻين سهڪاري تنظيمن وچ ۾ موثر ڳانڍاپو ۽ سهڪار وڌائڻ جو ڪم ڪندي ۽ آبادگارن تنظيمن، پاڻيءَ واپرائيندڙ تنظيمن (ڊبليو سي اي)، پاڻيءَ جي نيڪال مان لاڀ حاصل ڪندڙ تنظيمن (ڊي بي جي) ۽ انهن جي ميمبرن وچ ۾ بهتر ناتن کي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪندي ۽ جڏهن

ان کان اهڙي تقاضا ڪئي وئي تہ اها انهن جي وچ ۾ پئجي مامرن جو نبيرو ڪندي.

**75 ـ نگران اختياريءَ جا خاص ڪم:**

نگران اختياريءَ جا هيٺيان ڪم هوندا:

(a) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيمن طرفان جوڙيل قاعدن جي منظوري ڏيڻ (جيستائين ان کان ہي تقاضا نہ ڪئي وڃي) جهڙوڪ: چونڊ جا قاعدا، ڏنڊ، سزا يا پاڻيءَ جي رسد گهٽائڻ ۽ بند ڪرڻ، نگران اختياري جڏهن ضروري سمجهندي تڏهن سنڌ حڪومت کان انهن قاعدن جي چڪاس ڪرائيندي.

(b) سيڊي يا ڪنهن هڪ ڪاروباري رٿا ۽ سالياني رپورٽن (آڊٽ ٿيل مالي رپورٽن سان گڏ پيش ڪيل) کي واضح نموني يا بنا تبصري منظور ڪرڻ يا انهن مان هڪ يا سيڊي تي اعتراض وارڻ. اعتراض اٿارڻ وقت، نگران اٿارٽي پاڻ کي واسطيدار ادارن جي پاڙيري ٿيڻ واري مقصد تائين محدود رکندي ۽ سالياني رپورٽن توڙي انهن سان گڏ مالياتي رپورٽن تي نگران اختياريءَ جا اعتراض ان مقصد تائين محدود هوندا تہ انهن تنظيمن کي پنهنجن پيرن تي بيهڻ گهرجي.

(c) هن آرڊيننس جي باب2، 3 ۽ 4 مطابق ڪنهن اداري جي عدم ڪارڪردگيءَ جي صورت ۾ قائم مقام چيئرمين مقرر ڪرڻ.

(d) آبادگار تنظيمن جي داخلا.

(e) هن آرڊيننس هيٺ قانون جوڙڻ يا عبوري قاعدا ناهڻ.

(f) آبادگار تنظيمن جي وجود ختم ٿيڻ جي صورت ۾ انهن جي اضافي اثاثن کي وصول ڪرڻ ۽ انهن کي محفوظ ڪرڻ.

(g) سيڊا جي ڪارڪردگي، سنڀال ۽ انتظام ۾ پيدا ٿيندڙ وقت بہ وقت مامرن کي سيڊا جي ڌيان تي آڻڻ ۽ سيڊا جي مدد سان انهن جي جاچ ڪرائڻ.





(h) هر ايريا واٽر بورڊ جي ڪارڪردگيءَ جا معيار قائم ڪرڻ ۽ هر ايريا واٽر بورڊ کي ان جي ڪم لاءِ طئي ڪيل معيار ڄاڻائڻ.

(i) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمن کي اهڙي ڄاڻ فراهم ڪرڻ جيڪا نگران اختياريءَ وٽ آهي ۽ اهڙي معلومات جيڪا انهن ادارن جي ڪم بابت نگران اختياريءَ کي گهربل آهي. سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمن کي هن سب سيڪشن مطابق اهڙي معلومات اهڙي صورت، نموني ۽ وقت تي ڏني ويندي جيئن سيڊا چاهيندي.

(j) ايريا واٽر بورڊن ۽ آبادگار تنظيمن سان ٿيندڙ جملي وهنوار جا تفصيل طئي ڪري هڪ رجسٽر ۾ رکڻ ۽ اهڙي رجسٽر کي چڪاس لاءِ وزير آبپاشي، سيڊا، واسطيدار ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمن (نگران اختياريءَ جي حد ۾ واقع) لاءِ کليل رکڻ.

(k) آبادگار تنظيمن جي رجسٽرار طور ڪم ڪرڻ، آبادگار تنظيمن جي داخلا رکڻ ۽ هر رجسٽر ٿيل آبادگار تنظيم کي سرٽيفڪيٽ جاري ڪرڻ جيڪو ان آبادگار تنظيم جي وجود جي شاهدي ڏيندو.

**76ـ انتظامي بورڊ:**

(1) جنرل بورڊ جي مجموعي ضابطي ۽ رهنمائيءَ ۾ نگران اختياريءَ جا معاملا هڪ انتظامي بورڊ سنڀاليندو، جنهن ۾ مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ جنرل مئنيجرز (جيئن نگران اختياري طئي ڪندي) جو هڪ تعداد مقرر ڪيو ويندو.

(2) سيڪشن 12 ضروري تبديلين سان انتظامي بورڊ سان لاڳو ٿيندو.

**77 ـ محصولن جا اختيار:**

(1) نگران اختياري وقت بہ وقت حڪم جاري ڪري اهڙا وڌ ۾ وڌ محصول مقرر ڪندي جيڪي سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ يا ڪا آبادگار

تنظيم پنهنجن پاٽي واپرائيندڙن کان پاڻيءَ جي رسد ۽ نيڪال وارين خدمتن جي موٽ ۾ وصول ڪندي.

(2) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم طرفان طئي ڪيل محصول آبپاشي نظام کي پاڻيرو ڪرڻ واري مفاد سان نهڪندڙ ناهن يا عام طور سهولتون حاصل ڪندڙن لاءِ مناسب ناهن ته پوءِ اهي سبب ڪافي سمجهيا ويندا جن جي بنياد تي نگران اختياري اهڙا حڪم جاري ڪندي (ته اهي محصول صحيح ناهن.)

(3) نگران اختياريءَ جو فرض هوندو ته هن سيڪشن هيٺ اهڙو ڪو جاري ڪيل حڪم ڇپائي پڌرو ڪري (اهڙي نموني جيئن مناسب سمجهي) جنهن جو مقصد انهن ماڻهن جو ڌيان ڇڪائڻ هوندو، جيڪي ان کان متاثر ٿي سگهن ٿا.

(4) هن فقري هيٺ جاري ڪيل ڪو حڪم مختلف معاملن تي مختلف ٿي سگهي ٿو ۽ مختلف ماڻهن، حالتن ۽ علائقن لاءِ مختلف ٿي سگهي ٿو. نگران اختياري وڌ ۾ وڌ محصول مقرر ڪري سگهي ٿي ۽ يا ته انهن محصولن جي ماليت ڄاڻائيندي يا انهن جي ادائيگيءَ واري ڳڻپ طئي ڪندي.

(5) جتي ڪو شخص، هن فقري هيٺ محصولن لاءِ جاري ڪيل آرڊر جي روشنيءَ ۾ ڪنهن محصول جي ادائيگي ڪري ٿو ۽ اها ادائيگي جاري ڪيل آرڊر ۾ طئي ٿيل محصول جي رقم کان وڌيڪ آهي ته پوءِ اهو شخص سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کان، جنهن کي هن ادائيگي ڪئي آهي، اضافي پئسا واپس وٺي سگهي ٿو.

78 ـ **سوڪهڙي بابت اختيار**:

(1) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيمن سان صلاح مشورو ڪري، نگران اختياري اهڙو ڪو آرڊر جاري ڪري سگهي ٿي. جنهن مطابق ڪنهن تنظيم (ايريا واٽر بورڊ سميت) طرفان ڪنهن پاڻيءَ جي وسيلي مان ڪڍندڙ پاڻيءَ جي مقدار تي بندش وجهي سگهي ٿي يا ان کي محدود ڪري سگهي ٿي. اهڙو حڪم اهڙيءَ صورتحال ۾ جاري





ڪيو ويندو. جيڪڏهن نگران اختياري ان تي مطمئن آهي ته ان وسيلي ذريعي پاڻي ڪڍڻ سان ڪنهن ٻئي واٽر بورڊ کي ملندڙ پاڻي جو مقدار يا ان جي خاصيت متاثر ٿيندي.

(2) نگران اختياري پنهنجي آرڊر ۾ هيٺيون ڳالهيون واضح طور ڄاڻائي سگهي ٿي:

(a) اهي شخص جيڪي آرڊر مطابق ڪنهن پاڻيءَ جي ذريعي مان طئي ٿيل شرطن ۽ پابندين مطابق پاڻي ڪڍڻ جا اختيار رکن ٿا.

(b) اهي شخص جيڪي آرڊر مطابق ڄاڻايل شرطن ۽ پابندين جي روشنيءَ ۾ ڪنهن هنڌ ڏانهن پاڻيءَ جو نيڪال ڪرڻ جو اختيار رکن ٿا.

(3) سيڊا يا ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم طرفان ڏنل درخواست جي روشنيءَ ۾ هن فقري هيٺ جاري ڪيل آرڊر ۾ هيٺيون ڳالهيون درج هونديون:

(a) سيڊا،ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کي اختيار ڏيڻ ته اهي ڄاڻايل شرطن ۽ پابندين آهر پاڻيءَ جي ڪنهن اهڙي وسيلي مان پاڻي ڪڍن جيڪو جاري ڪيل آرڊر ۾ ڄاڻايل هجي.

(b) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کي اختيار ڏيڻ ته اهي اهڙي ڪنهن مقصد لاءِ پاڻيءَ جي استعمال کي بند ڪن يا محدود ڪن جيڪو جاري ڪيل آرڊر ۾ ڄاڻايل آهي.

(c) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کي اختيار ڏيڻ ته اهي جاري ڪيل آرڊر ۾ ڄاڻآيل شرطن ۽ پابندين جي روشنيءَ ۾ ڪنهن هنڌ ڏانهن پاڻيءَ کي وهائڻ جو فيصلو ڪن.

(d) آرڊر مطابق پاڻيءَ جي ڪنهن وسيلي مان ڪنهن شخص پاران پاڻي ڪڍڻ تي بندش وجهڻ يا پاڻيءَ جي مقدار کي محدود ڪرڻ جيڪڏهن پاڻيءَ تي ضابطو رکندڙ شخص سمجهي ٿو ته اتان پاڻي ڪڍڻ سان سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کي ملندڙ پاڻيءَ جي رسد متاثر ٿي سگهي ٿي.

(e) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم يا ڪنهن شخص سان لاڳاپيل اعتراضن واري جاري ڪيل آرڊر ۾ واضح ڪيل حالتن جي

روشنيءَ ۾ ڪن پابندين يا اعتراضن کي ختم ڪرڻ يا انهن ۾ تبديليون آڻڻ.

79 ـ **<u>پاڻيءَ جي زيان، ناجائز خرچ ۽ غلط استعمال بابت اختيار</u>:**

(1) نگران اختياري اهڙيون حالتون ڄاڻائي سگهي ٿي جن ۾ سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم:

(a) اهڙي مقصد سان ڪي ڪم ڪرائي ۽ ٻيا ڪي قدم کڻي ته جيئن پاڻيءَ جي زيان، ناجائز ڪپت ۽ غلط استعمال کي روڪي سگهجي.

(b) ڄاڻايل ڪم ڪرائي ۽ ٻيا ڪم کڻي.

(c) آيل خرچ وصول ڪري.

نگران اختياريءَ جي، هن آرڊيننس يا قانون هيٺ پنهنجي قانوني حد يا ڪنهن اپيل تي قدم کڻندڙ اختياريءَ طور، جاري ڪيل ڪنهن حڪم يا فيصلي کان متاثر ٿيندڙ ڪو شخص جاري ٿيل حڪم جي 30 ڏينهن اندر سنڌ جي گورنر کي اپيل ڪري سگهي ٿو. اهڙي اپيل تي ڪيل فيصلو آخري هوندو. جنهن کي ڪنهن قانوني عدالت ۾ تڪراري بڻائي نه سگهبو.

**قاعدن کي نافذ ڪرڻ جا اختيار:**

(1) جتي نگران اختياري سمجهندي ته سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم پنهنجن جوڙيل قاعدن جي فقرن جي ڀڃڪڙي ڪري رهي آهي ته اها پڇاڻي وارو نوٽيس جاري ڪندي ۽ ان کي ٻڌڻ کان پوءِ جيڪڏهن ان کي خاطري ٿئي ٿي ته هن آرڊيننس يا قاعدن جي فقرن جي ڀڃڪڙي ٿي آهي ته پوءِ واسطيدار سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کي قانون لاڳو ڪرڻ لاءِ عبوري نوٽيس جاري ڪندي ته جيئن انهن قانوني فقرن جي پوئيواري ٿي سگهي.

(2) جيڪڏهن قانون نافذ ڪرڻ وارو ڪو عبوري نوٽيس سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم تي تعميل ٿئي ٿو پر سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم ان نوٽيس ۾ ڄاڻايل وقت اندر ان تي قدم کڻڻ ۾ ناڪام وڃي ٿي ته پوءِ نگران اختياري آخري نوٽيس جاري ڪندي جنهن ۾





عبوري نوٽيس کي ضروري تبديلين يا بنا تبديلين جي آخري قرار ڏيندي.

(3) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم قانون جي لاڳو ٿيڻ واري آخري نوٽيس جي پوئيواري ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي ته پوءِ نگران اختياري:

(a) سڀ ڪارروايون رد ڪري سگهي ٿي.

(b) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي نهراءَ يا حڪم تي عمل کي روڪي سگهي ٿي.

(c) ڪنهن ٿيندڙ ڪم تي بندش وجهي سگهي ٿي.

(d) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کان اهڙي قدم کڻڻ جي تقاضا ڪري سگهي ٿي. جيڪو آخري نوٽيس ۾ ڄاڻايل آهي.

(e) ان ٽئين ڌر کي مناسب معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم ڪري سگهي ٿي، جنهن کي فرض ۾ ڪوتاهي سبب نقصان رسيو آهي.

(f) اهڙو حڪم ڏئي سگهي ٿي ته جنهن ٽين ڌر کي نقصان رسيو آهي ان جو بنا معاوضي مامرو حل ڪيو وڃي.

(4) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم آخري نوٽيس جي تعميل اطمينان بخش طريقي سان ڪئي آهي ته پوءِ نگران اختياري پنهنجو نوٽيس خارج ڪري ڇڏيندي.

(5) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم آمدنيءَ واري ماليت جي ورڇ تي تڪرار ڪن ٿيون ۽ مجموعي طور قابل قبول حل نه ٿو نڪري ته پوءِ نگران اختياري سندن وچ ۾ پئجي تڪرار جو نبيرو ڪندي. پر ان صورت ۾ جڏهن هڪ يا ٻئي تڪراري ڌريون ائين ڪرڻ لاءِ ان کي درخواست ڪنديون.

(6) عملي طور جيترو جلد ٿي سگهندو، نگران اختياري، آربٽريشن ائڪٽ 1940ع مطابق تڪرار جي نبيري واريون ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيندي.

**80 ۔ قانوني پوئيواريءَ جي نفاذ جا اختيار:**

(1) سيڊا، ڪنهن ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم هن آرڊيننس هيٺ ڪا مقرري ڪئي آهي ۽ نگران اختياري سمجهي ٿي ته سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم ان مقرري جي ڪنهن شرط جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي ته پوءِ اها (نگران اختياري)، سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کي ان قانوني شرط جي پورائي لاءِ عبوري يا آخري نوٽيس جاري ڪندي.

(2) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم تي قانوني پوئواريءَ جو عبوري نوٽيس روانو ڪيو ويو آهي ۽ انهن تنظيمن نوٽيس ۾ ڄاڻايل وقت اندر ان تي عمل نه ڪيو آهي ته پوءِ نگران اختياري عبوري نوٽيس ۾ ڪنهن ڦيرڦار يا ان کان بغير ان کي آخري ۽ پڪو نوٽيس سمجهندي.

(3) ۽ جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم قانون جي نفاذ واري آخري نوٽيس جي پوئواري نه ٿي ڪري ته پوءِ نگران اختياري.

(a) سڀ ڪارروايون رد ڪري سگهي ٿي.

(b) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي ٺهراءَ يا حڪم تي عمل کي روڪي سگهن ٿا.

(c) ڪنهن ٿيندڙ ڪم تي بندش وجهي سگهي ٿي.

(d) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کان اهڙي قدم کڻڻ جي تقاضا ڪري سگهي ٿي. جيڪو آخري نوٽيس ۾ ڄاڻايل آهي.

(e) ان ٽئين ڌر کي مناسب معاوضو ادا ڪرڻ جو حڪم ڪري سگهي ٿي. جنهن کي فرض ۾ ڪوتاهي سبب نقصان رسيو آهي.

(f) اهڙو حڪم ڏئي سگهي ٿي، جنهن سان ٽين ڌر کي نقصان رسيو آهي، ان جو بنا معاوضي مامرو حل ڪيو وڃي.

(4) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم آخري نوٽيس جي تعميل اطمينان بخش طريقي سان ڪئي ته پوءِ نگران اختياري پنهنجو نوٽيس خارج ڪري ڇڏيندي.





(5) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم آمدنيءَ واري ماليت جي ورڇ تي تڪرار ڪن ٿيون ۽ مجموعي طور قابل قبول حل نه ٿو نڪري ته پوءِ نگران اختياري سندن وچ ۾ پئجي تڪرار جو نبيرو ڪندي. پر ان صورت ۾ جڏهن هڪ يا ٻئي تڪراري ڌريون ائين ڪرڻ لاءِ ان کي درخواست ڪنديون.

(6) عملي طور جيترو جلد ٿي سگهندو، نگران اختياري، اربٽريشن ائڪٽ 1940ع مطابق تڪرار جي نبيري واريون ڪارروايون شروع ڪري ڇڏيندي.

**81 ۔ قانون جي نفاذ جا اختيار:**

(1) سيڊا يا ڪنهن به ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم هن آرڊيننس تحت ڪا به مقرري ڪري ٿي، جي ريگيوليٽري اٿارٽي کي اهو يقين هجي ته سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم ڪيل مقرري طئي ٿيل شرطن جي خلاف آهي ته هو عارضي يا حتمي نوٽيس ڏئي سگهي ٿي ته جيئن طئي ٿيل شرطن جي قانوني پوئيواري کي يقيني بنائي سگهجي

(2) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم تي قانوني پوئواريءَ جو عبوري نوٽيس روانو ڪيو ويو آهي ۽ انهن تنظيمن نوٽيس ۾ ڄاڻايل وقت اندر ان تي عمل نه ڪيو آهي ته پوءِ نگران اختياري عبوري نوٽيس ۾ ڪنهن ڦيرڦار يا ان کان بغير ان کي آخري ۽ پڪو نوٽيس سمجهندي.

(3) جيڪڏهن سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم قانون جي نفاذ واري آخري نوٽيس جي پوئواري نه ٿي ڪري ته پوءِ نگران اختياري.

(a) سڀ ڪارروايون رد ڪري سگهي ٿي.

(b) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي ٺهراءَ يا حڪم تي عمل کي روڪي سگهن ٿا.

(c) ڪنهن ٿيندڙ ڪم تي بندش وجهي سگهي ٿي.

(d) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کان اهڙي قدم کڻڻ جي تقاضا ڪري سگهي ٿي. جيڪو آخري نوٽيس ۾ ڄاڻايل آهي.

(e) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيم جي فرض جي ڪوتاهي جي نتيجي ۾ نقصان رسيو هجي ته ان صورت ۾ ٽئين ڌر کي مناسب معاوضو ادا ڪيو ويندو.

(f) بغير معاوضي جي پهتل نقصان جو تدارڪ ڪري سگهجي.

(4) جيڪڏهن سيڊا، ايرياواٽربورڊ يا آبادگار تنظيم اهڙي نوٽيس جي بجاآوري آڻين ٿا ته اهو نوٽيس ريگيوليٽري اٿارٽي پاران خارج سمجهيو ويندو

82 ـ **اپيل**:

سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي ڪنهن حڪم خلاف اپيل نگران اختياريءَ کي ڪئي ويندي. اپيل ڪيتري وقت اندر ۽ ڪهڙي طريقي سان ڪئي ويندي. ان جو تعين نگران اختياريءَ طرفان جوڙيل قاعدا ڪندا.

83 ـ **ٽربيونل**:

(1) پنهنجي پيشيور عملي جي ماڻهن مان نگران اختياري ٽربيونل (عدالتون) جوڙيندي. جيڪي واسطيدار اختيارين ۽ هن باب هيٺ آبپاشي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال واري نظام کي هلائيندڙ ادارن وچ ۾ نيڪن سان لاڳاپيل مامرن کي نبيريندا. ٽربيونل ٻين اهڙن مامرن تي به فيصلو ڏيندا. جيڪي نگران اختياري کين سونپيندي.

(2) نگران اختياري اهڙا قاعدا ناهيندي. جيڪي ٽربيونلن جي ڪم کي هلائيندا.

84 ـ **نگران اختياريءَ جي حڪمن جو نفاذ**:

پنهنجي فيصلن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ٽربيونل، ”ڪوڊ آف سول پروسيجر 1908ع“ (ائڪٽ 5، سال 1908) هيٺ سول ڪورٽ تصور ڪيو





ويندو ۽ ان جي فيصلن تي ان قانون مطابق ائين عمل ڪيو ويندو. جيئن سول ڪورٽ جي فيصلن تي عمل ڪيو ويندو آهي.

85 ـ **سهولت واپرائيندڙن لاءِ خدمتگار ڪميٽيون**:

**(ڪسٽمر سروس ڪميٽيز)**

(1) نگران اختياري پنهنجي عملي ۽ ٽين پارٽيءَ جي ماڻهن تي ٻڌل سهولت واپرائيندڙن لاءِ خدمتگار ڪميٽيون قائم ڪندي.

(2) سهوليت واپرائيندڙن لاءِ خدمتگار ڪميٽيون هيٺين ماڻهن تي ٻڌل هونديون:

(a) نگران اختياريءَ پاران پنهنجي عملي مان مقرر ڪيل هڪ چيئرمين.

(b) سيڊا يا ايريا واٽر بورڊ مان ٻه ميمبر.

(c) آبادگار تنظيمن مان ٻه ميمبر.

(3) سهولتون واپرائيندڙن جي خدمتگار ڪميٽين لاءِ ميمبر مقرر ڪرڻ وقت نگران اعليٰ انهن ماڻهن جي راضپي کي نظر ۾ رکندو ۽ ڏسندو ته اهي ماڻهو اهڙا آهن. جيڪي سندن ڪميٽيءَ کي ملندڙ پاڻيءَ جي ورڇ ڪرڻ جي سلسلي ۾ تجربو رکندڙ آهن ۽ کين اهڙي لياقت آهي.

(4) آبادگار تنظيم مان ڪنيل ميمبر جيڪڏهن ڪن مامرن ۾ پاڻ ملوث آهن ته پوءِ انهن جي جاءِ تي ٻيا ميمبر رکيا ويندا ته جيئن انهن مامرن کي نبيري سگهجي.

(5) سهولت واپرائيندڙن جي خدمتگار ڪميٽيءَ جي چيئرمين جي عهدي تي ايندڙ شخص ڇئن سالن جي مدي کان وڌيڪ ملازمت نه ڪندو.

(6) خدمتگار ڪميٽين جو چيئرمين ۽ ميمبر پنهنجي ملازمت جي شرطن مطابق عهدو ماڻيندا ۽ خالي ڪندا ۽ هن سب سيڪشن جي باوجود، عهدي ڇڏڻ کان پوءِ ٻيهر مقرريءَ جا اهل رهندا.

(7) نگران اختياري، چيئرمين ۽ ميمبرن کي ان صورت ۾ عهدي تان هٽائي سگهندي. جيڪڏهن گهربل پيشيور ۽ انصاف وارن معيارن آهر سندن ڪوئي ڪردار نہ آهي.

(8) هر ايريا واٽر بورڊ جي حد ۾ سهوليت واپرائيندڙ جي هڪ خدمتگار ڪميٽي جوڙي ويندي. هڪ سو آبادگار تنظيمن وارن ايريا واٽر بورڊن ۾ هڪ کان وڌيڪ خدمتگار ڪميٽيون قائم ڪيون وينديون. اهڙيءَ صورت ۾ نگران اختياري، هرهڪ خدمتگار ڪميٽيءَ لاءِ آبادگار تنظيمن جو تعين ڪندي.

(9) خدمتگار ڪميٽيءَ جا هيٺيان فرض هوندا:

(a) انهن معاملن تي نظرثاني ڪرڻ جيڪي ڪميٽي آڏو اچن ٿا ۽ جيڪي ابادگار تنظيمن (سهولت واپرائيندڙ ڪميٽين جي حوالي ڪيل) جي سهولت واپرائيندڙن يا نين يا فائدو وٺندڙن کي متاثر ڪن ٿا. خدمتگار ڪميٽيءَ سان لاڳاپيل آبادگار ڪميٽين سان انهن معاملن تي صلاح مشورا ڪرڻ جيڪي سهولت واپرائيندڙن کي متاثر ڪري سگهن ٿا ۽ آبادگار تنظيمن کي انهن معاملن بابت شڪايتون موڪلڻ.

(b) هيٺ ڄاڻايل فقري (c) مطابق اهڙين شڪايتن جي جاچ ڪرڻ، جيڪي:

(i) آبادگار تنظيم جي ڪنهن ميمبر يا سهولت واپرائيندڙ پاران ڪاميٽي کي پهچايون وڃن

(ii) جيڪي مامرا خدمت ڪميٽيءَ لاءِ اجايا يا بنا جواز ناهن.

(iii) ان ابادگار تنظيم طرفان پاڻيءَ جي ورڇ ڪندڙ اداري طور ٿيندڙ ڪم.

(c) جتي خدمت ڪميٽي مناسب سمجهي ٿي تہ مٿئين فقري مطابق ڪنهن شڪايت کي ٻڌڻ گهرجي تہ پوءِ شڪايت ڪندڙ پاران واسطيدار آبادگار تنظيم کي اهڙي شڪايت موڪلڻ جيڪا ڪميٽيءَ جي نظر ۾ ان مامري سان لاڳاپو رکي ٿي.

(d) ڪا اهڙي شڪايت جيڪا خدمتگار ڪميٽي حل نہ ڪري سگهي، سا نگران اختياريءَ کي موڪلڻ.





(10) نگران اختياريءَ جو فرض هوندو تہ اهڙو مناسب انتظام ڪري، جيئن ڪا هڪ خدمت ڪاميٽي، ٻي اهڙي ڪميٽيءَ کي پنهنجن ڪمن جي سلسلي ۾ جيڪا معلومات فراهم ڪرڻ گهري ٿي سا ان کي ملي سگهي.

86 ـ <u>**نگران اختياريءَ جي سرڪاري مُهر**</u>:

نگران اختياريءَ وٽ پنهنجي سرڪاري مهر هوندي، جنهن سان اها پنهنجن ڪمن سان لاڳاپيل دستاويزن کي جائز بڻائيندي.

87 ـ <u>**چيئرمين ۽ ميمبرن جو معاوضو**</u>:

(1) چيئرمين ۽ ميمبرن کي گورنر طرفان طئي ڪيل پگهار ڏنو ويندو ۽ سندن ملازمت دوران ان ۾ اهڙي تبديلي نہ ڪئي ويندي، جنهن سان کين گهٽ فائدو ٿئي.

(2) چيئرمين ۽ ميمبر ملازمت دوران ٻي ڪنهن بہ ملازمت، ڌنڌي، پيشي يا نوڪريءَ ۾ ملوث نہ ٿيندا ۽ سندن موجود ملازمت ۾ ٻن سالن جي مدي پوري ٿيڻ کان اڳ اهي نہ ٻي ملازمت وٺندا ۽ نہ وري ڪنهن اهڙي اداري يا شخص جا صلاحڪار ٿيندا، جيڪو سنڌ صوبي ۾ آبپاشيءَ واري پاڻيءَ جي رسد يا ورهاست توڙي نيڪال ٿيندڙ پاڻيءَ يا ٻوڏ تي ضابطي آڻڻ واري ڪنهن ڪم سان لاڳاپيل آهي.

(3) چيئرمين ۽ ميمبر سڌي يا اڻسڌيءَ طرح ڪوبہ مالي مفاد نہ رکندا، ۽ پاڻيءَ جي نظام سان لاڳاپيل ڪنهن بہ اداري جي ڪنهن بہ ڪاروبار، خدمتن، اوزارن يا ٻئي ڪنهن بہ نفعي بخش ڪارروائيءَ ۾ حصيدار نہ ٿيندا.

88 ـ <u>**فنڊ**</u>:

نگران اختياريءَ جو ڪم حڪومت طرفان ملندڙ مالي امداد تي هلايو ويندو. جنهن ۾ ابتدائي مالي امداد شامل هوندي. جنهن مان

اختياريءَ جي آفيس قائم ڪئي ويندي. ضروري سامان خريد ڪيو ويندو ۽ ٻيا ضروري خرچ پورا ڪيا ويندا.

**89 ـ ڪاروباري رٿا ۽ مالياتي نگراني:**

(1) هر مالي سال جي فيبروري مهيني ۾ نگران اختياري ايندڙ پنجن مالي سالن لاءِ هڪ ڪاروباري رٿا جوڙيندي. رٿا جي پهرئين سال ۾ ايندڙ مالي سال جي بجيٽ تيار ڪئي ويندي.

(2) ڪاروباري رٿا ۾ آمدني ۽ خرچ جو حساب پوتاميل (بئلنس شيٽ)، مالي ذريعن جو وچور، فنڊن جو خرچ (روڪڙو خرچ) وضاحتي تفصيل هوندا. ان تي بورڊ ويچار ڪندو ۽ ان جي منظور ڪرڻ ڪان پوءِ فيبروري جي آخر ۾ گورنر کي موڪلي ويندي.

**90 ـ ڪاروباري رٿا تي عمل:**

(1) انتظام ۽ ضابطي جي مقصدن سان ڪاروباري رٿا جي پهرئين سال وارا پروگرام يا شيڊيول هر ٽئين مهيني چڪاس هيٺ ايندا.

(2) رٿا تي عمل دوران، چيئرمين، نگران اختياريءَ کي پهرين چوٿائي سال (ٽن مهينن) بعد، مهيني جي پندرهين ڪاروباري ڏينهن تي، گذريل چوٿائي سال جا انتظامي اڪائونٽ پيش ڪندو، جن ۾ اڳڪٿي ڪيل ۽ حقيقي هدفن جي ڀيٽ ٿيل هوندي ۽ ان ڀيٽ جا فرق ڄاڻايل هوندا ۽ انهن مان خاص فرق جي وضاحت ڪيل هوندي. اهڙن ڪيل نتيجن ۾ گذريل چوٿائي سال جا تفصيل ۽ هلندڙ سال جا وڌيل هدف ڏيکاريل هوندا.

(3) چوٿائي سال ۽ سالياني انتظامي اڪائونٽ جي هڪ ڪاپي هو گورنر کي به موڪلي ڏيندو. گورنر انتظامي اڪائونٽ وصول ڪرڻ جي هڪ مهيني اندر ان جو جواب موڪليندو. جڏهن ته چيئرمين چوڏنهن ڏينهن اندر اهڙيءَ ڪنهن سفارش جو جواب ڏيندو. جيڪا گورنر ڄاڻائي هوندي.





**91 ـ سالیانا اڪائونٽ ۽ پوتاميل (بئلنس شيٽ):**

(1) مالي سال 1 جولاءِ کان ايندڙ سال جي 30 جون تائين هوندو.

(2) پنهنجا اڪائونٽ تيار ڪرڻ دوران، نگران اختياري، اڪائونٽ رکڻ جي بين الاقوامي معيارن ۽ ٻين اهڙن معيارن جي پوئيواري ڪندي. جيڪي ان مقصد خاطر سيڪيورٽيز ائنڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان جي سرڪاري گزيٽ ۾ ڄاڻايل آهن ۽ اڪائونٽ رکڻ جي انهن پاليسين جا تفصيل بيان ڪندي. جيڪي اختيار ڪيا ويا آهن.

(3) هر مالي سال جي پڄاڻيءَ تي ٽن مهينن اندر نگران اختياري سالیانا اڪائونٽ تيار ڪندي.

(4) اهي اڪائونٽ، سال جي آمدني ۽ خرچن جي وچور، سال جي پڄاڻيءَ تي پوتاميل، مالي ذريعن جي وچور ۽ فنڊن جي استعمال (روڪ خرچ) تي ٻڌل هوندا، ۽ نگران اختياريءَ پاران ان صورتحال تي اهڙي رپورٽ، جيڪا ان سال جي ڪاروباري رٿا تي ٻڌل هوندي. سا حڪومت کي پيش ڪئي ويندي.

(5) پوتاميل مالي سال جي پڄاڻيءَ تي، نگران اختياريءَ جي معاملن تي سچي پچي صورتحال بيان ڪندو. جڏهن ته آمدني ۽ خرچ جو وچور مالي سال بابت نگران اختياريءَ جي خرچ توڙي آمدنيءَ جي واڌاري يا کوٽ بابت سچو پچو احوال درج ڪندو.

(6) پوتاميل ۽ آمدني توڙي خرچ وارو وچور نگران اختياريءَ جا ميمبر منظور ڪندا ۽ انهن تي صحيح چيئرمين ۽ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ٻيو ميمبر، يا چيئرمين جي غير حاضريءَ ۾ ٻه ميمبر ڪندا.

(7) سالياني اڪائونٽ کي خودمختيار آڊيٽر مالي سال ختم ٿيڻ جي ڇهن مهينن اندر آڊٽ ڪندا ۽ آڊيٽرن جي رپورٽ اڪائونٽ جي رڪارڊ سان گڏ رکي ويندي.

(8) آڊيٽرن جي رپورٽ وصول ٿيڻ جي 30 ڏينهن اندر نگران اختياري سالياني اڪائونٽ جي ڪاپي آڊٽ رپورٽ سان گڏ حڪومت کي موڪلي ڏيندي ۽ هڪ ڪاپي گورنر ڏانهن موڪليندي. ان سان گڏ نگران

اختياري آڊيٽرن جي رپورٽ ۾ شامل ڪنهن راءِ، اعتراض، تعريف يا مخالف راءِ بابت تفصيلي معلومات ۽ وضاحت پيش ڪندي.

(9) نگران اختياري سالياني اڪائونٽ ۽ آڊٽ ٿيل مواد تي ٻڌل رپورٽ علائقائي ۽ مقامي اخبارن توڙي انٽرنيٽ ذريعي عام ڪرڻ لاءِ ان جو اعلان ڪندي. سالیانا اڪائونٽ ۽ رپورٽ عام ماڻهن ڪي، ان جون نقل ڪاپيون ناهڻ واري خرچ سان مهيا تي سگهندا ۽ نگران اختياريءَ جي آفيس ۾ ڪم جي دوران پڻ اچي ڏسي سگهبا.

**92 ـ آڊيٽر: تعليمي لياقت، مقرري، اجوروءِ برطرفي:**

(1) ڪمپنيز آرڊيننس 1984ع جي فقري 254 هيٺ ڪوبہ شخص نگران اختياريءَ جو آڊيٽر نہ ٿي سگهندو. جيستائين هو چارٽرڊ اڪائونٽنٽس آرڊيننس 1961ع (1961ع جو 10) مطابق چارٽرڊ اڪائونٽنٽ ناهي.

(2) نگران اٿارٽيءَ جي قيام کان پوءِ ٿيندڙ پهرين گڏجاڻيءَ ۾ نگران اختياريءَ پاران آڊيٽرن جي مقرري ڪئي ويندي جيڪا وڌ ۾ وڌ ٽن سالن لاءِ هوندي. ان لاءِ گورنر کي اطلاع ڏنو ويندو.

(3) آڊيٽرن جو معاوضو نگران اختياريءَ جا ميمبر مقرر ڪندا.

**93 ـ سالياني رپورٽ:**

(1) نگران اختياري هر مالي سال جي پڄاڻيءَ تي ۽ ان مالي سال جي ستن مهينن گذرڻ کان اڳ جيترو جلد ٿي سگهندو، حڪومت کي اُن آرڊيننس هيٺ هلندڙ مختلف ادارن جي انهيءَ سال واري ڪارڪردگي ۽ هلندڙ سال جي آڊٽ ٿيل مالياتي رپورٽ پيش ڪندي.

(2) نگران اختياري پنهنجي سالياني رپورٽ جو اختصار صوبي جي موثر ۽ مشهور انگريزي، اردو ۽ سنڌي اخبارن ۾ شايع ڪرائيندي.





(3) نگران اختياري پنهنجي سالياني رپورٽ سيڊا، سيني ايريا واٽر بورڊن ۽ آبادگار تنظيمن کي پڻ مهيا ڪندي.

**94 ـ نگران اختياريءَ تي لاڳو ڪندڙ ٻيا قانون:**

نگران اختياريءَ تي هن آرڊيننس جا فقرا 8، 9، 16، 17، 19 ۽ 24 ضروري تبديلين سان لاڳو ٿيندا.

## باب ـ 8

# منتقلي

**95 ـ ملڪيتن، اثاثن، قرضن ۽ عملي جي وارثي:**

(1) حڪومت صوبي ۾ ايريا واٽر بورڊن جي مقرري 30 جون 2005ع تائين مڪمل ڪندي.

(2) حڪومت، ايريا واٽر بورڊ کي ان جي حد اندر واقع آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ جي بچاءَ وارو ڍانچو، آفيس، گودام، فني ڍانچو (پلانٽ) ۽ مشينري مهيا ڪندي.

**96 ـ انتظامي منتقلي:**

هن آرڊيننس جي عمل ۾ اچڻ شرط، ڪابه آفيس، اختياري يا ادارو جيڪو حڪومت قائم ڪيو آهي يا هلائي رهي آهي، سو ڪنهن ٻئي اداري جي حوالي ڪرڻ واري عمل دوران يا ان جي اختيارن جي ورهاست دران بنا وقفي ۽ لاڳيتو هن آرڊيننس هيٺ پنهنجون خدمتون سرانجام ڏيندو رهندو.

**97 ـ بئراج ۽ ٻين اثاثن جي منتقلي:**

(1) آبپاشي ۽ بجليءَ وارو کاتو 30 جون 2005ع تائين پنهنجا بئراج، شاخون، موجوده پاڻي نيڪال واريون سم نالين ۽ ٻوڏ جي بچاءَ وارو ڍانچو، پنهنجي عملي، بجيٽ ۽ اثاثن سميت سيڊا جي حوالي ڪري ڇڏيندو.

(2) حڪومت بئراج، آبپاشي، پاڻيءَ جي نيڪال ۽ ٻوڏ جي بچاءَ وارو ڍانچو، آفيسون، گودام، فني ڍانچو ۽ ان سان لاڳاپيل مشينري بئراج ڊويزن جي حوالي ڪندي ته جيئن اها پنهنجو ڪم هن آرڊيننس هيٺ جاري رکي سگهي.





**98 ـ ايريا واٽر بورڊن ڏانهن منتقليءَ تائين ڪم جو جاري رهڻ:**

جتي اجا ايريا واٽر بورڊ قائم نه ٿيو آهي، اتي آبپاشي ۽ بجليءَ وارو کاتو، آبپاشي، پاڻيءَ جو نيڪال ۽ ٻوڏ جي بچاءَ جو ڪم ڪندو رهندو.

**99 ـ آبادگار تنظيم ڏانهن منتقليءَ تائين ڪم جو جاري رهڻ:**

جيستائين نگران اختياري قائم ڪئي وڃي ٿي تيستائين سيڊا هن آرڊيننس هيٺ نگران اختياريءَ جا ڪم ڪندي رهندي.

**100 ـ ريگيوليٽري اٿارٽي جي حيثيت ۾ سيڊا جو ڪردار:**

جيستائين ريگيوليٽري اٿارٽي جو قيام هن آرڊيننس تحت عمل ۾ اچي تيستائين سيڊا ريگيوليٽري اٿارٽي جا ڪم سرانجام ڏيندي رهندي

**101 -منتقليءَ جي وقت جو وچور:**

هن آرڊيننس هيٺ سيئي ايريا واٽر بورڊ قائم ڪرڻ لاءِ گهربل جملي ڪارروايون سال 2005ع جي جون واري مهيني جي 30هين تاريخ تائين مڪمل ڪيون وينديون.

باب ـ 9

# ڪائونسلون

**102 ـ ڪائونسلن جا اختيار ۽ فرض:**

(1) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم ۾ ڪنهن ڪائونسل وچ ۾ جيڪڏهن اهڙو ڪو ناهه ٿئي ٿو. جنهن مطابق اها ڪائونسل "سنڌ لوڪل گورنمينٽ آرڊيننس 2001ع" هيٺ پاڻيءَ جي ورڇ ۽ رسد جو ڪم ۽ گهرو استعمال توڙي گٽر جو گندو پاڻي صاف ڪري ورهائڻ جو ڪم توڙي سم جو پاڻي نيڪال ڪرڻ جو ڪم ڪرڻ جي حوالي سان پنهنجو حق استعمال ڪرڻ گهري ٿي ته اهڙي ڄاڻ واسطيدار سيڊا، ايريا واٽر بورڊ آبادگار تنظيم، نگران اختياريءَ کي ڏيندي.

(2) هن فقري جي مقصد خاطر ڪنهن رٿيل انتظام ۾ اهڙيون ڳالهيون ٿي سگهن ٿيون. جيڪي سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي وچ ۾ ناهه جي صورت ۾ موجود هجن. پر ان سان سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي ڪمن سرانجام ڏيڻ يا ان ۾ ناڪاميءَ خلاف داد فرياد جو حق ان واسطيدار ڪائونسل کان سواءِ ٻئي ڪنهن شخص وٽ نه هوندو.

(3) هتي واضح ڪيو وڃي ٿو ته هن فقري جي مقصد جي پورائي خاطر جيڪڏهن اهڙو ناهه ڪيو وڃي ٿو ته ان ۾ اهو نقطو طئي ٿيو آهي ته پوءِ واسطيدار ڪائونسل کي حق هوندو ته اها سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم بدران اهي اختيار استعمال ڪري جيڪي ڪنهن به قانون هيٺ سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم کي حاصل آهن. بشمول انهن فرضن ۽ ذميوارين جي، جيڪي سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيم جي ذميواريءَ ۾ شامل آهن.

(4) ڪائونسل، پاڻيءَ جي خاصيت ۾ خرابيءَ بابت ان ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم سان شڪايت ڪري سگهي ٿي. جتان ان کي پاڻيءَ جي رسد ملي ٿي ۽ جي ڪيس اطمينان نٿو ٿئي ته ان ايريا واٽر بورڊ ان مسئلي جو ڪو علاج ڪيو آهي ته پوءِ مناسب وقت اندر اها ڪائونسل اهو معاملو نگران اختياريءَ وٽ کڻي وڃي سگهي ٿي.





باب ـ 10

# ڏوهه ۽ سزائون

**103 ـ ڏوهه ۽ سزائون:**

(1) جيڪو به ماڻهو:

(a) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم يا انهن پاران ڪم ڪندڙ ٻين ڌرين سان تعلق رکندڙ ڪنهن پاڻيءَ جي ذريعي يا واٽر ڪورس جي پاڻيءَ جي وهڪري ۾ رڪاوٽ وجهي ٿو. ان کي موڙي ٿو يا ڪٽي وجي ٿو يا غير قانوني طور واهه يا ان جي اوزارن يا مشينريءَ کي ڀڃي ٿو يا ان کي نقصان پهچائي ٿو.

(b) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي ڪنهن آفيسر يا ملازم جي سرڪاري ڊيوٽيءَ ۾ دخل ڏئي ٿو يا ڄاڻي واڻي هن کي پاڻيءَ جي ڪنهن وسيلي جي چڪاس، اپياس يا انڪوائري ڪرڻ کان روڪي ٿو.

(c) سيڊا، ايريا واٽر بورڊ يا آبادگار تنظيم جي حوالي ٿيل ڪنهن واهه يا پاڻيءَ جي ٻئي ذريعي ۾ چوپائي مال کي پاڻي پيئاري ٿو، وهنجاري ٿو يا ڌوئي صاف ڪري ٿو.

(d) ڪنهن واهه يا پاڻيءَ جي ٻئي ذريعي ۾ ڪا زهريلي شيءِ ملائي ٿو ان ۾ پينگ يا سِڻي پوڪي ٿو يا ان کي پاڻي ڏئي ٿو. ته اهو شخص اهڙي قسم جي قيد جو سزاوار ٿيندو جنهن جو مدو وڌ ۾ وڌ 6 مهينا هوندو يا ڏنڊ جو حقدار ٿيندو. جنهن جي رقم هڪ لک رپين تائين ٿي سگهي ٿي يا ڪيس قيد ۽ ڏنڊ واريون ٻئي سزائون ملي سگهن ٿيون.

(2) هن آرڊيننس هيٺ سزا لائق ڏوهه جي جوابدار جي ضمانت نه ٿي سگهندي.

(3) جيڪو ماڻهو هن آرڊيننس هيٺ ڄاڻايل ڏوهه ڪرڻ ۾ ڏوهاريءَ جي مدد ڪندو. ان کي به اها ئي سزا ملندي، جيڪا ڏوهاري جي هوندي.

باب ۔ 11

## متفرقہ

**104 ۔ قاعدا:**

(1) نگران اختياريءَ جي صلاح بعد حڪومت هن آرڊيننس جي مقصدن جي پوئيواريءَ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(2) هن آرڊيننس ۽ قاعدن جي روشنيءَ ۾ نگران اختياري، سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمون هن آرڊيننس جي مقصدن جي پوئيواريءَ ۾ پنهنجن واسطيدار شعبن اندر ڪي پنهنجا قاعدا بہ ناهي سگهن ٿا بشرطيڪ سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمن جي انهن قاعدن جي منظوري نگران اختياري ڏئي.

**105 ۔ اختيارن جي منتقلي:**

سنڌ ايريگيشن ائڪٽ 1879ع ۽ فائنانشل ڊيليگيشن آف پاورس رولز 1962ع جيڪي پاڻيءَ واري نظام جي ڊانچي، پاڻيءَ واري نظام هلائڻ، ٻوڏ جي بچاءَ ۽ مالي معاملن سان تعلق رکندڙ آهن. تن هيٺ ڪئنال آفيسرن کي جيڪي اختيار مليل آهن سي سيڊا ۽ ايريا واٽر بورڊ پنهنجي پنهنجي حد ۾ استعمال ڪري سگهندا.

**106 ۔ هن آرڊيننس هيٺ هلڻ وارن ادارن جي آفيسرن ۽ عملي جي حيثيت:**

نگران اختياري، سيڊا، ايريا واٽر بورڊ ۽ آبادگار تنظيمن ۽ هن آرڊيننس هيٺ ڪم ڪندڙ ٻين ادارن جا چيئرمين، بورڊ يا ميمبر، آفيسر ۽ ملازم جڏهن هن آرڊيننس هيٺ ڪم ڪندا يا ڪم ڪرڻ جو ارادو رکندا تہ اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي سيڪشن 21 هيٺ سرڪاري ملازم ليکيا ويندا.





**107 ۔ تڪرار ۽ اختلاف:**

هن آرڊيننس يا ٻئي ڪنهن قانون جي مختلف فقرن ۾ پيدا ٿيندڙ تڪرارن يا اختلافن جي صورت ۾ هن آرڊيننس جا فقرا جيڪي انهن تڪرارن يا اختلافن بابت هوندا يا جيئن مناسب هوندو انهن کي صحيح سمجهيو ويندو.

**108 ۔ قانون جي حد:**

سواءِ ان جي، جيڪو هن آرڊيننس ۾ واضح طور چيل آهي. ڪنهن بہ سول يا روينيو عدالت يا ڪنهن ٻي اختياريءَ کي قانوني حيثيت نہ هوندي تہ:

(i) نگران اٿارٽي، سيڊا، ايريا واٽر بوڊن يا آبادگار تنظيمن طرفان هن آرڊيننس هيٺ ڪيل ڪنهن ڪم جي قانوني حيثيت کي غلط قرار ڏين.

(ii) سيڊا، ايريا واٽر بورڊن يا آبادگار تنظيمن پاران هن آرڊيننس هيٺ مليل اختيارن جي روشنيءَ ۾ طئي ڪيل ڪنهن معاملي کي چيڙين.

(iii) هن آرڊيننس هيٺ ايمانداريءَ سان ڪيل ڪنهن حڪم، ڪارروائي يا هلندڙ ڪم کي روڪين.

**109 ۔ ڪارروائين جي جائز حيثيت:**

ڪوبہ ڪم، ڪارروائي، نهراءُ يا فيصلو، جيڪو هن آرڊيننس هيٺ قائم ڪيل ادارو ڪري ٿو، سو ناجائز نہ هوندو. ڀلي تہ ان جو سبب ڪا خالي جاءِ، جوڙجڪ ۾ خامي، يا ڪا مقرري يا نامزدگي يا اداري جي ڪنهن ميمبر جي چونڊ هجي.

**110 ۔ سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج ائڪٽ 1997ع جو خاتمو:**

هن ذريعي سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي ائڪٽ 1997ع ۽ سنڌ ايريگيشن واٽر يوزرس ايسوسيئيشن آرڊيننس 1982ع کي ختم ڪيو وڃي ٿو.

**ضميمو - 1**

ڪراچي

تاريخ: 19 اپريل 2005ع

## نوٽيفڪيشن

**نمبر: ايس او وي آءِ (ايس جي اي اينڊ سي ڊي) 12 (137)/2004ع**

سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس (ترميم) 2005ع هيٺ مليل اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ جو وڏو وزير، آبپاشي ۽ بجليءَ وارو وزير سردار نادر اڪمل خان لغاريءَ کي، فوري طور سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) جو چيئرمين مقرر ڪندي، وڏي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي.

چيف سيڪريٽري سنڌ

**آرڊيننس بابت**

**موضوع: سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002ع ۾ ترميم ڪرڻ:**

**تمهيد:**

جيئن ته اهو ضروري آهي، ته سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002ع ۾ ترميم ڪجي. انهيءَ طريقي سان، جيڪو هتان کان اڳتي ظاهر پيو ٿئي:

جيئن ته سنڌ اسيمبلي، پنهنجي اجلاس واري عمل ۾ نه آهي ۽ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي، ته اهڙيون حالتون موجود آهن، جيڪي انهيءَ ترميم تي فوري عملدرامد لاءِ ضروري سبب مهيا ڪن ٿيون.

تنهن ڪري، هاڻي، اسلامي جمهوريه پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 123 جي شق (1) وسيلي ڪيس مليل اختيارن کي استعمال ڪندي، سنڌ جو گورنر هيٺ ڏنل آرڊيننس جي تشهير ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهي:





**مختصر عنوان ۽ آغاز**

(1) هن آرڊيننس کي سنڌ واٽر مئنيجمينٽ (ترميم) آرڊيننس 2005ع سڏيو ويندو.

(2) سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس، جيڪو هتان کان اڳتي آرڊيننس سڏيو ويندو، جي سيڪشن 5 ۾ هيٺينءَ ريت ترميم ٿيندي:

(i) سب سيڪشن (i)، شق 1، جي ننڍي شق "اي" ۾ هيٺيان لفظ متبادل طور ڪتب ايندا:

(اي) آبپاشي ۽ بجليءَ جو وزير يا سرڪار پاران مقرر ڪوبه ماڻهو....... چيئرمين،"

(ii) چيئرمين، سواءِ غير سرڪاري چيئرمين جي يا هڪ ميمبر، پاڻ وٽ ڪوبه سياسي عهدو نه رکندو ۽ ڪٿي جيڪڏهن چيئرمين، سواءِ غير سرڪاري چيئرمين جي، يا هڪ ميمبر ڪنهن سياسي عهدي لاءِ چونڊبو، نامزد ڪيو يا مقرر ڪيو ويو آهي ته اهو فوري طور پنهنجي چيئرمين يا هڪ ميمبر وارو عهدو ڇڏي ڏيندو.

**سنڌ واٽر مئنيجمينٽ آرڊيننس 2002ع جي سيڪشن 8ء ۾ ترميم:**

جاٽايل آرڊيننس ۾ سيڪشن 8 ۾ هيٺيان لفظ متبادل طور ڪم ايندا:

(8) (1) "چيئرمين ۽ ميمبر سيڊا ۾ مقرر ڪيل شرطن تي خدمتون سرانجام ڏيندا."

(2) چيئرمين، سواءِ غير سرڪاري چيئرمين جي ۽ ميمبر، سواءِ غير سرڪاري ميمبرن جي، جيڪڏهن انهن استعيفا نه ڏني آهي يا هٽايا نه ويا آهن ته اهي پنهنجو عهدو چئن سالن تائين سنڀاليندا ۽ ٻئي مدي لاءِ ٻيهر مقرر ٿيڻ جا اهل هوندا.

**ڊاڪٽر عشرت العباد خان**

گورنر، سنڌ